## رکوع 4

### حق جي تبليغ ۽ حق تي هلڻ جي ترغيب

فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَبَ عَلَى اللّٰهِ وَكَذَّبَ بِالصِّدْقِ اِذْ جَآءَهٗ ۭ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۲﴾

(٣٢) سو انهيءَ شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو خدا تي ڪوڙ ٺاهي ٿو؟ ۽ جڏهن ڪيس حق جي ڳالهه ٻڌائي وڃي ٿي تڏهن ان کي ٺڪرائي ٿو ڇڏي؟ ڇا جهنم ۾ اهڙن ڪافرن لاءِ جاءِ ئي ڪانهي؟ (جيڪي خدا تي ڪوڙ ٺا هڻن. بيشڪ آهي. پر هو اجا بہ وڌيڪ سزا جا لائق آهن.)

وَالَّذِيْ جَآءَ بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهٖٓ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿۳۳﴾

(٣٣) ۽ جيڪي ماڻهو حق جي تبليغ ڪن ٿا پنهنجي عملن سان (اهڙا عمل ڪري ڪاميابي حاصل ڪن ٿا) ان جي وسيلي ان جي سچائي ثابت ٿا ڪن سي ئي متقي آهن.

لَهُمْ مَّا يَشَاۗءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۭ ذٰلِكَ جَزٰۗؤُا الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۳۴﴾

(٣٤) اهي جيڪي بہ چاهيندا سو کين سندس پروردگار وٽان ملندو. اهو آهي بدلو ۽ انعام انهن جي لاءِ جيڪي نيڪيون ڪندڙ آهن.

لِيُكَفِّرَ اللّٰهُ عَنْهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ عَمِلُوْا وَيَجْزِيَهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۳۵﴾

(٣٥) بلڪ (الله تعاليٰ ڇا ڪندو جو) انهن جيڪي بدعمل ڪيا هوندا تن جو اثر ٽاري ڇڏيندو ۽ جيڪي عمل ڪيا هونداٺون تن مان بهترين عملن جو اجورو ۽ انعام کين ڏيندو.

اَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ ۭ وَيُخَوِّفُوْنَكَ بِالَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ۭ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿۳۶﴾

(٣٦) ڇا الله تعاليٰ پهنجي ٻانهي (جي مدد ڪرڻ) لاءِ ڪافي ناهي؟ ۽ (اي پيغمبر!) هي ماڻهو توکي انهن کان ڊيڄارين ٿا جن کي هو الله تعاليٰ کان سواءِ معبود سمجهن ٿا (تہ اهي معبود توکي نقصان رسائيندا. ڪهڙا نہ پليل آهن!) ۽ (ياد رکو تہ) جنهن کي الله تعاليٰ گمراهه ڪري ٿو ڇڏي تنهن جي لاءِ ڪو بہ هادي يا واٽ ڏيکاريندڙ ڪونهي.

وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّضِلٍّ ۭ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِعَزِيْزٍ ذِي انْتِقَامٍ ﴿۳۷﴾

(٣٧) ۽ جنهن کي الله تعاليٰ سڌي واٽ تي لڳائي ٿو تنهن کي ڪو بہ گمراهه ڪري نٿو سگهي. ڇا الله تعاليٰ غالب ناهي ۽ بدلي ڏيڻ وارو ناهي؟

وَلَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۭ قُلْ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَنِيَ اللّٰهُ بِضُرٍّ هَلْ هُنَّ كٰشِفٰتُ ضُرِّهٖٓ اَوْ اَرَادَنِيْ بِرَحْمَةٍ هَلْ هُنَّ مُمْسِكٰتُ رَحْمَتِهٖ ۭ قُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ۭ عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿۳۸﴾

(٣٨) ۽ (اي پيغمبر) جيڪڏهن تون هنن (منڪرن) کان پڇين تہ ڪنهن آسمانن کي ۽ زمين کي خلقيو آهي تہ هو ضرور چوندا تہ خدا انهن کي خلقيو آهي. کين چؤ تہ پوءِ توهان انهن جي باري ۾ ڪو غور بہ ڪيو آهي، جن کي توهان الله تعاليٰ جي علاوه پڪاريندا آهيو؟ (اهو غور ڪيو اٿو تہ) جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي تڪليف ڏيڻ چاهي تہ اهي (معبود) سندس ڏنل تڪليف لاهي سگهندا؟ يا جيڪڏهن هو مون تي ڪار رحمت ڪرڻ چاهي تہ، اهي سندس رحمت کي روڪي سگهندا؟ (اي پيغمبر کين) چؤ تہ، منهنجي لاءِ الله تعاليٰ بلڪل ڪافي آهي، توڪل ڪرڻ وارا فقط الله تي توڪل ٿا ڪن (جو تہ ٻيو ڪو بہ اهڙو ڪونهي جنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي.)

قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّىْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۹﴾

(۳۹) (اي پيغمبر تون کين) چئو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! توهان جيڪي ڪري سگهو سو ڪيو. مان يقيناً (پنهنجي فرض ادائين لاءِ) عمل ڪندو رهندس. پوءِ جلد توهان کي معلوم ٿيندو ته

مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۴۰﴾

(۴۰) ڪنهن تي ٿو خوار خرب ڪندڙ عذاب اچي ڪڙڪي، ۽ مٿس دائمي عذاب ٿو نازل ٿئي.

اِنَّآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ لِلنَّاسِ بِالْحَقِّ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ﴿۴۱﴾

(۴۱) (اي پيغمبر!) اسان ماڻهن جي (هدايت) لاءِ توتي هي ڪتاب حق سان (يعني سچائين سان پريل) موڪليو آهي، پوءِ جيڪو (ان ۾ ڏيکاريل) سڌي واٽ وٺندو سو پنهنجي ئي (فائدي) لاءِ وٺندو (يعني ان ۾ سندس ئي چڱائي آهي) ۽ جيڪو (اها واٽ ڇڏي) غلط واٽ اختيار ڪندو سو يقيناً پنهنجي ئي نقصان ۾) گمراه ٿيندو (يعني گمراهه ٿي پنهنجو ئي نقصان ڪندو) ۽ (اي پيغمبر!) توتي اهو ذمو ڪونهي جو تون انهن جا ڪم سنوارين يا سندن سنڀال ڪرين.

## رڪوع 5

### ننڊ ۽ موت، شفاعت، ڪافرن جو ضد ۽ قيامت ڏينهن سندن حالت

اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا وَالَّتِىْ لَمْ تَمُتْ فِىْ مَنَامِهَا ۚ فَيُمْسِكُ الَّتِىْ قَضٰى عَلَيْهَا الْمَوْتَ وَيُرْسِلُ الْاُخْرٰۤى اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۴۲﴾

(۴۲) الله تعاليٰ روحن کي (ماڻهن جي) موت وقت پنهنجي قبضي ۾ ڪٽي ٿو وٺي ۽ جيڪو نٿو مري تنهن جو روح سندس ننڊ جي حالت ۾ ڪٽي ٿو وٺي. پوءِ جنهن جي موت جي حڪم صادر ٿو ڪري تنهن جو روح روڪي ٿو رکي (يعني اهو روح انهيءَ جسم ڏي وري نٿو موٽي) پر ٻيا روح (جيڪي ننڊ جي حالت ۾ پنهنجي قبضي ۾ ٿو آڻي سندس جسمن ڏي) مقرر وقت تائين (يعني موت تائين) واپس موڪليندو ٿو رهي. جيڪي ماڻهو غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن تن جي لاءِ هن ڳالهه ۾ يقيناً وڏيون نشانيون رکيل آهن.

اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُفَعَآءَ ؕ قُلْ اَوَلَوْ كَانُوْا لَا يَمْلِكُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۴۳﴾

(۴۳) ڇا هنن (منڪرن) الله کي ڇڏي ٻين کي شفاعت ڪندڙ ٺهرايو آهي؟ (جنهن جي ڪري سندس پوڄا ٿا ڪن ۽ اميد ٿا رکن ته هوسندس سفارش ڪندا ۽ مددگار ٿيندا) (اي پيغمبر! تون ڪين) چؤ ته، اگرچه هنن کي ڪجهه به طاقت يا اختيار ناهي، نڪي هنن کي ڪا سمجهه يا عقل آهي (تڏهن به هو توهان جي لاءِ سفارش ڪندا ڇا؟)

قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا ؕ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۴۴﴾

(۴۴) اي (پيغمبر! تون ڪين) ٻڌائي ڇڏ ته سفارش ڪليءَ طرح فقط الله تعالي جي اختيار ۾ آهي. آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي سندس ئي آهي. آخر توهان ڏانهس ئي موٽايا ويندؤ.

وَإِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَحْدَهُ اشْمَأَزَّتْ قُلُوبُ الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ ۖ وَإِذَا ذُكِرَ الَّذِينَ مِنْ دُونِهِ إِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُونَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) ۽ جڏهن فقط هڪ الله جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي تڏهن جيڪي ماڻهو آخرت ۾ ايمان رکندڙ ناهن تن جي دلين ۾ نفرت پيدا ٿي ٿئي ۽ جڏهن هن کي ڇڏي ٻين جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي تڏهن ڏسو ته خوشيءَ ۾ ٽڙن ٿا پيا.

قُلِ اللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ أَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِي مَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) (اي پيغمبر تون) چئو ته، اي الله سائين، آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ وارا، لڪل ۽ ظاهر شين جا ڄاڻيندڙ، تون پنهنجي ٻانهن جي وچ ۾ انهيءَ ڳالهين جو فيصلو ڏي جن ۾ هو اختلاف ٿا رکن.

وَلَوْ أَنَّ لِلَّذِينَ ظَلَمُوا مَا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا وَمِثْلَهُ مَعَهُ لَافْتَدَوْا بِهِ مِنْ سُوءِ الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۚ وَبَدَا لَهُمْ مِنَ اللّٰهِ مَا لَمْ يَكُونُوا يَحْتَسِبُونَ ﴿٤٧﴾

(٤٧) جن ماڻهن (هن دنيا ۾) ظلم جي واٽ اختيار ڪئي آهي، تن کي اگرچه دنيا جا سڀ خزانا هجن ۽ ان سان گڏ اهڙا ۽ ايترا ٻيا به خزانا هجن ۽ اهي سڀ خزانا قيامت جي ڏينهن دردناڪ عذاب کان بچڻ لاءِ فدي طور ڏين (ته به هنن کي ڪونه بچايو ويندو) ۽ الله وٽان هنن جي اڳيان اهڙيون حالتون ۽ عذاب پيش ايندا جنهن جو هنن کي ڪو وهم ۽ گمان به ڪونه هو.

وَبَدَا لَهُمْ سَيِّئَاتُ مَا كَسَبُوا وَحَاقَ بِهِمْ مَا كَانُوا بِهِ يَسْتَهْزِئُونَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) جيڪي هنن (ظالمن هن دنيا ۾) ڪيو ڪمايو هو سي بڇڙايون هنن جي اڳيان ظاهر ٿينديون ۽ جن (حقيقتن) بابت ٺوڪون ڪندا هئا سي ئي کين وڪوڙي وينديون.

فَإِذَا مَسَّ الْإِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَانَا ثُمَّ إِذَا خَوَّلْنَاهُ نِعْمَةً مِنَّا قَالَ إِنَّمَا أُوتِيتُهُ عَلَىٰ عِلْمٍ ۚ بَلْ هِيَ فِتْنَةٌ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٤٩﴾

(٤٩) (ڏسو ته) جڏهن انسان کي ڪا تڪليف ٿي پهچي تڏهن هو اسان کي پڪارڻ ٿو لڳي، پر جڏهن اسان پاڻ وٽان هن کي نعمتون ٿا ڏيون تڏهن چوڻ لڳي ٿو ته، مون کي اهي نعمتون منهنجي علم (هنر ۽ ڪوشش) جي ڪري مليون آهن. حقيقت هي آهي ته اها (دولت ۽ آسودگي وغيره) آزمائش آهي پر گهڻا ماڻهو اها ڳالهه نٿا ڄاڻن.

قَدْ قَالَهَا الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَمَا أَغْنَىٰ عَنْهُمْ مَا كَانُوا يَكْسِبُونَ ﴿٥٠﴾

(٥٠) حقيقت هيءَ آهي ته ڪائنءَ اڳين (دولت مند) ماڻهن به ائين ئي چيو هو. پر پوءِ جيڪي هنن ڪيو ڪمايو سو کين ڪنهن به ڪم نه آيو.

فَأَصَابَهُمْ سَيِّئَاتُ مَا كَسَبُوا ۚ وَالَّذِينَ ظَلَمُوا مِنْ هَٰؤُلَاءِ سَيُصِيبُهُمْ سَيِّئَاتُ مَا كَسَبُوا وَمَا هُمْ بِمُعْجِزِينَ ﴿٥١﴾

(٥١) بلڪ جيڪي (بد) عمل ڪيائون تن جا بڇڙا نتيجا کين پيش آيا. (ساڳيءَ طرح) هنن ماڻهن مان جن ظلم جي واٽ ورتي آهي تن کي به سندن (بد) عملن جا بڇڙا نتيجا جلد ئي پيش ايندا ۽ هو هرگز الله کي عاجز ڪري نه سگهندا. (الله جي رٿ ضرور ڪامياب ٿيندي).

أَوَلَمْ يَعْلَمُوا أَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَشَاءُ وَيَقْدِرُ ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ لِقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ﴿٥٢﴾

(٥٢) ڇا هو نٿا ڏسن ته يقيناً الله ئي جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ تنگ ڪري ٿو. جيڪي ماڻهو ايمان وارا آهن تن لاءِ هن ۾ بيشڪ وڏيون نشانيون آهن.

## رڪوع 6

### غلط واٽ ڇڏي سڌي واٽ تي هلڻ شروع ڪيو، نہ تہ پشيمان ٿيندؤ

قُلۡ يٰعِبَادِيَ الَّذِيۡنَ اَسۡرَفُوۡا عَلٰۤى اَنۡفُسِهِمۡ لَا تَقۡنَطُوۡا مِنۡ رَّحۡمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ جَمِيۡعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۵۳﴾

(٥٣) (اي پيغمبر! ماڻهن کي منهنجو پيغام) ٻڌاءِ تہ اي منهنجا بندؤ جن (منهنجي واٽ ڇڏي بدعمل ڪري) پاڻ تي پاڻ زيادتي ۽ ظلم ڪيو آهي سي خدا جي رحمت مان اميد نہ لاهيو، (جيڪڏن هاڻي بہ منهنجي ڏيکاريل واٽ تي هلڻ شروع ڪيو تہ مان بہ رحمت جي موٽ ڪندس). يقيناً الله تعاليٰ (ان حالت ۾) سڀ گناهہ بخشي ٿو ڇڏي. يقيناً هو وڏو بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

وَ اَنِيۡبُوۡۤا اِلٰى رَبِّكُمۡ وَ اَسۡلِمُوۡا لَهٗ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِيَكُمُ الۡعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنۡصَرُوۡنَ ﴿۵۴﴾

(٥٤) (پر شرط هي آهي تہ) پنهنجي پروردگار (جي ڏيکاريل راهہ) ڏي موٽو (يعني قرآن مجيد تي عمل ڪيو) ۽ سندس پوري پوري فرمانبرداري ڪيو ان کان اڳي جو توهان تي عذاب اچي وڃي. (عذاب جو وقت اچي ويندو تہ) پوءِ توهان کي ڪابہ مدد ملي نہ سگهندي.

وَاتَّبِعُوۡۤا اَحۡسَنَ مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكُمۡ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِيَكُمُ الۡعَذَابُ بَغۡتَةً وَّ اَنۡتُمۡ لَا تَشۡعُرُوۡنَ ۙ﴿۵۵﴾

(٥٥) ۽ جيڪي اوهان جي پروردگار وٽان اوهان تي نازل ڪيو ويو آهي تنهن جي بهترين ڳالهين ۽ حڪمن جي پيروي ڪيو ان کان اڳي جو اوهان تي اوچتو عذاب اچي وڃي ۽ اوهان کي پتو ئي نہ پوي.

اَنۡ تَقُوۡلَ نَفۡسٌ يّٰحَسۡرَتٰى عَلٰى مَا فَرَّطۡتُّ فِىۡ جَنۡۢبِ اللّٰهِ وَاِنۡ كُنۡتُ لَمِنَ السّٰخِرِيۡنَ ۙ﴿۵۶﴾

(٥٦) ائين نہ ٿئي جو (هاڻي تہ ڪو ماڻهو غافل رهي، پر عذاب اچڻ بعد ارمان ڪري ۽) چوي تہ، افسوس منهنجي حال تي، مون الله تعاليٰ جي حڪمن متعلق غفلت ڪئي ۽ مان (انهن بابت) رڳو مسخريون ۽ ٺٺوليون ڪندو رهيس.

اَوۡ تَقُوۡلَ لَوۡ اَنَّ اللّٰهَ هَدٰٮنِىۡ لَـكُنۡتُ مِنَ الۡمُتَّقِيۡنَ ۙ﴿۵۷﴾

(٥٧) يا (هيئن نہ ٿئي جو پوءِ) چوي تہ، جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي هدايت ڪري ها تہ مان يقيناً پرهيزگار ٿيان ها.

اَوۡ تَقُوۡلَ حِيۡنَ تَرَى الۡعَذَابَ لَوۡ اَنَّ لِىۡ كَرَّةً فَاَكُوۡنَ مِنَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۵۸﴾

(٥٨) يا (هيئن نہ ٿئي جو) عذاب ڏسڻ وقت چوي تہ، هاءِ جيڪڏهن مون کي وري موقعو ڏنو وڃي تہ پوءِ مان نيڪ عمل ڪندڙ ٿيندس.

بَلٰى قَدۡ جَآءَتۡكَ اٰيٰتِىۡ فَكَذَّبۡتَ بِهَا وَاسۡتَكۡبَرۡتَ وَكُنۡتَ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۵۹﴾

(٥٩) (اهڙن ارمانن ڪرڻ مان پوءِ ڪجهہ نہ ورندو ان ماڻهوءَ کي چيو ويندو تہ) نہ نہ، حقيقت هيءَ آهي تو ڏي منهنجون نشانيون آيون. تو انهن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو ۽ تو تڪبر ڪيو ۽ ڪافر ٿي وئين.

وَيَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ تَرَى الَّذِيۡنَ كَذَبُوۡا عَلَى اللّٰهِ وُجُوۡهُهُمۡ مُّسۡوَدَّةٌ ؕ اَلَيۡسَ فِىۡ جَهَنَّمَ مَثۡوًى لِّلۡمُتَكَبِّرِيۡنَ ﴿۶۰﴾

(٦٠) ۽ (اي پيغمبر) قيامت جي ڏينهن تون ڏسندين تہ جن ماڻهن الله تي ڪوڙ هنيا تن جا منهن ڪارا ٿي ويندا. ڇا! هٺ وڏائي ڪندڙن لاءِ جهنم ۾ جاءِ ڪانهي؟ (بيشڪ آهي پر اجا بہ وڌيڪ بري جاءِ جا لائق آهن).

وَيُنَجِّي اللّٰهُ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا بِمَفَازَتِهِمْ ۡ لَا يَمَسُّهُمُ السُّوْٓءُ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦١﴾

(٦١) ۽ جن ماڻهن نيڪيءَ جي واٽ اختيار ڪئي تن کي الله تعاليٰ (عذابن کان) بچائي سندس ڪاميابي ۽ سعادت واري جاءِ تي پهچائيندو. هنن کي ڪابہ تڪليف نہ پهچندي نڪي ڪو غم ڪائيندا.

اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ۡ وَّهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿٦٢﴾

(٦٢) الله تعاليٰ هر شيءِ جو خالق آهي، ۽ هر هڪ شيءِ جو نگهبان آهي.

لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون سندس قبضي ۾ آهن، ۽ جن ماڻهن الله تعاليٰ جي آيتن مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي، سي خساري ۽ نقصان هيٺ ايندا.

## رڪوع 7

**افسوس جو ماڻهو الله جي علم، قدرت ۽ رحم جو پورو قدر نہ ٿا ڪن.**

قُلْ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَاْمُرُوْٓنِّيْٓ اَعْبُدُ اَيُّهَا الْجٰهِلُوْنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) (اي پيغمبر! تون مشرڪن کي) چئو تہ، اي جاهلو! ڇا توهان مون کي اهو حڪم ٿا ڏيو تہ مان خدا کي ڇڏي ٻين جي ٻانهپ ڪيان؟

وَلَقَدْ اُوْحِيَ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَئِنْ اَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ عَمَلُكَ وَلَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) پر حقيقت هيءَ آهي تہ، (اي پيغمبر!) توڏي ۽ توکان اڳين ڏي وحي موڪليو ويو آهي تہ جيڪڏهن تون شرڪ ڪندين (يعني خدا جي حڪمن کي ڇڏي شيطان جي واٽ وٺندين) تہ تنهنجا عمل ضايع ٿي ويندا ۽ تون وڏي نقصان هيٺ اچي ويندين.

بَلِ اللّٰهَ فَاعْبُدْ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) نہ (ٻين جي واٽ نہ وٺو) بلڪ فقط الله جي ٻانهپ ڪيو، ۽ شڪر ڪندڙن مان ٿيو (يعني الله جي نعمتن جو قدر ڪري سندس مفيد حڪمن جي تعميل ڪري ڪاميابي ۽ سعادت حاصل ڪيو).

وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ۖ وَالْاَرْضُ جَمِيْعًا قَبْضَتُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَالسَّمٰوٰتُ مَطْوِيّٰتٌ ۢ بِيَمِيْنِهٖ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) (افسوس) هنن ماڻهن الله تعاليٰ (جي علم، قدرت، رحم، نعمتن ۽ وحي) جو اهڙو قدر نہ ڪيو آهي جهڙو ڪرڻ گهرجي. (سندس قدرت ۽ طاقت ايڏي تہ آهي جو) قيامت جي ڏينهن سڄي زمين سندس مٺ ۾ پئجي ويندي ۽ سڀ آسمان سندس سڄي هٿ ۾ پئجي ويندا. وڏو شان آهي الله جو ۽ هو پاڪ ۽ بلند آهي انهن کان جن کي هنن خدا سان شريڪ سمجهيو آهي.

وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَصَعِقَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ؕ ثُمَّ نُفِخَ فِيْهِ اُخْرٰى فَاِذَا هُمْ قِيَامٌ يَّنْظُرُوْنَ ﴿٦٨﴾

(٦٨) ۽ (قيامت جي ڏينهن) توتاري وڄائي ويندي تہ پوءِ (ان جي آواز تي) جيڪو بہ آسمانن ۽ زمين تي آهي سو بيهوش ٿي ويندو. سواءِ انهيءَ جي جو جنهن کي الله تعاليٰ چاهيندو (تہ بيهوش نہ ٿئي) پوءِ ٻيهر توتاري وڄائي ويندي تہ هڪدم سڀ ماڻهو کڙا ٿي بيهندا ۽ (هيڏي هوڏي نهاريندا).

وَاَشْرَقَتِ الْاَرْضُ بِنُوْرِ رَبِّهَا وَوُضِعَ الْكِتٰبُ
وَجِایْٓءَ بِالنَّبِیّٖنَ وَالشُّهَدَآءِ وَقُضِیَ
بَیْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا یُظْلَمُوْنَ ﴿٦٩﴾
وَوُفِّیَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَهُوَ اَعْلَمُ
بِمَا یَفْعَلُوْنَ ﴿٧٠﴾

(٦٩) ۽ زمين پنهنجي رب جي نور سان روشن ٿي ويندي ۽ (ماڻهن جي عملن جو) ڪتاب (ڪولي ماڻهن جي اڳيان) رکيو ويندو ۽ نبين ۽ شهيدن کي (شاهدي ڏيڻ لاءِ) آندو ويندو ۽ ساڻن ذرو به بي انصافي ڪانہ ٿيندي.

(٧٠) ۽ هر هڪ شخص کي سندس عملن جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو، ۽ (عمل لکي بہ ڪونہ سگهندا ڇو تہ) جيڪي جيڪي ماڻهو ڪن ٿا سو سڀ هو ڀليءَ طرح ڄاڻي ٿو.

## رڪوع 8

**غلط راهہ اختيار ڪندڙن لاءِ جهنم ۽ الله جي ڏيکاريل راهہ وٺندڙن لاءِ جنت آهي**

وَسِیْقَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى جَهَنَّمَ زُمَرًا ؕ
حَتّٰۤى اِذَا جَآءُوْهَا فُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ
لَهُمْ خَزَنَتُهَاۤ اَلَمْ یَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ
یَتْلُوْنَ عَلَیْكُمْ اٰیٰتِ رَبِّكُمْ وَیُنْذِرُوْنَكُمْ
لِقَآءَ یَوْمِكُمْ هٰذَا ؕ قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنْ حَقَّتْ
كَلِمَةُ الْعَذَابِ عَلَى الْكٰفِرِیْنَ ﴿٧١﴾

(٧١) ۽ ڪافرن کي جهنم ڏانهن ٽولين ۾ وٺي ويندا، تانجو جڏهن اهي اتي پهچندا تڏهن ان جا دروازا کوليا ويندا ۽ ان جا محافظ (فرشتا کين) چوندا تہ، ڇا توهان ڏي توهان منجهان رسول ڪونہ آيا هئا؟ جيڪي توهان کي توهان جي پروردگار جون آيتون ۽ حڪم پڙهي ٻڌائيندا هئا ۽ اوهان کي اوهان جي هن ڏينهن جي پيش اچڻ متعلق بہ خبردار ڪندا هئا؟ (عجب آهي جو تنهن هوندي بہ توهان هيترا سارا جهنم ۾ پهچڻ لاءِ اچي نڪتا آهيو، ٻيا فرشتا جواب ۾) چوندا تہ، هائو! (رسول تہ برابر وٽن ويا هئا ۽ کين خبردار بہ ڪيائون تہ بہ هو برا فعل ڪندا رهيا) سو عذاب جو حڪم ۽ واعدو ڪافرن بابت سچو ثابت ٿيو آهي.

قِیْلَ ادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا ۚ
فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِیْنَ ﴿٧٢﴾

(٧٢) (ڪافرن کي) چيو ويندو تہ (هاڻي) جهنم جي دروازن ۾ گهڙو. توهان ان (جهنم) ۾ هميشہ لاءِ رهندؤ (۽ پڄندؤ) پوءِ (ڏسو تہ) تڪبر ڪرڻ وارن جي جاءِ ڪهڙي نہ خراب هوندي.

وَسِیْقَ الَّذِیْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا ؕ
حَتّٰۤى اِذَا جَآءُوْهَا وَفُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ
لَهُمْ خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَیْكُمْ طِبْتُمْ
فَادْخُلُوْهَا خٰلِدِیْنَ ﴿٧٣﴾

(٧٣) ۽ جن ماڻهن پنهنجي پروردگار کان ڊڄي نيڪيءَ جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن کي ٽولين ۾ جنت ڏانهن وٺي ويندا. تان جو جڏهن هو اتي پهچندا تڏهن ان جا دروازا (هڪدم) کلي پوندا ۽ ان جا محافظ فرشتا کين (ڪيڪاري مرحبا ڪري) چوندا تہ اوهان تي سلام (۽ سلامتي) هجي، خوش رهو! هن جنت ۾ هميشہ رهڻ لاءِ داخل ٿيو.

وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ وَ
اَوْرَثَنَا الْاَرْضَ نَتَبَوَّاُ مِنَ الْجَنَّةِ حَیْثُ نَشَآءُ ۚ
فَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِیْنَ ﴿٧٤﴾

(٧٤) ۽ اهي (جنتي) چوندا تہ، سڀ ساراهہ (۽ شڪر) آهي ان الله جي لاءِ جنهن اسان سان ڪيل پنهنجو واعدو سچو ڪري ڏيکاريو ۽ اسان کي هن زمين (يعني جنت) جو وارث بنايو. هن جنت ۾ اسان کي جتي وڻي تتي رهي ٿا سگهون. چڱا عمل ڪندڙن لاءِ ڪهڙو نہ عمدو اجر ۽ انعام آهي!

وَتَرَى الْمَلٰٓئِكَةَ حَآفِّیْنَ مِنْ حَوْلِ الْعَرْشِ

(٧٥) ۽ (اي پيغمبر!) تون ڏسندين تہ فرشتا عرش جي چوڌاري حلقو ٻڌي

يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ ۚ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَقِيْلَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۷۵

موجود هوندا ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندا رهندا ۽ (يا رکو ته قيامت جي ڏينهن) ماڻهن جي وچ ۾ حق ۽ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو (۽ نيڪن کي سعادت ۽ برن کي عذاب ملندو) ۽ (فرشتا ۽ نيڪ انسان نعري طور) پڪاري چوندا ته. الحمدلله رب العالمين! (يعني سڀ ساراهه انهيءَ الله جي آهي جو جهانن جي پرورش ڪندڙ آهي).

## سورة المومن —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

### رڪوع 1

**الله تعاليٰ جون صفتون خصوصا عمل ۽ رحمت. مومنن تي الله تعاليٰ جون رحمتون ٿينديون.**

حٰمٓ ۱

(۱) حا-ميم

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ۲

(۲) هي ڪتاب انهيءَ الله تعاليٰ وٽان نازل ٿيل آهي جو وڏي طاقت ۽ قدرت وارو آهي ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي.

غَافِرِ الذَّنْۢبِ وَقَابِلِ التَّوْبِ شَدِيْدِ الْعِقَابِ ۙ ذِي الطَّوْلِ ۭ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ۳

(۳) (اهو الله) خطائون ڍڪيندڙ ۽ معاف ڪندڙ آهي ۽ توبهه قبول ڪندڙ آهي، (پر جيڪي توبهه ڪري سڌيءَ واٽ ڏي نٿا موٽن تن کي) سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. ۽ پهچ وارو آهي، (يعني هر حال ۾ هر هنڌ سندس نظر، عمل ۽ طاقت پهچي ٿي، جيئن سنڌيءَ ۾ چوندا آهيون ته تنهنجا هٿ ڊگها آهن) ڪانئس سواءِ ٻيو ڪوبه معبود ڪونهي (يعني الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به ٻانهپ ڪرڻي ناهي) سيني کي آخر وٽس ئي وڃڻو آهي.

مَا يُجَادِلُ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ اِلَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَلَا يَغْرُرْكَ تَقَلُّبُهُمْ فِي الْبِلَادِ ۴

(٤) (الله تعاليٰ جون نشانيون بلڪل چٽيون آهن) فقط اهي ماڻهو الله تعاليٰ جي نشانين بابت جهڳڙا ڪندا رهن ٿا جيڪي (خود غرضي ۽ تڪبر سببان حقيقتون سمجهي نٿا سگهن يا ضد ڪري) انڪار ڪيون وينا آهن. سو (اي پيغمبر!) ائين نه ٿئي جو شهرن ۾ هنن ماڻهن جو آڪڙ ۽ وڏائي سان گهمڻ ڦرڻ توکي ڌوکي ۾ وجهي ) ته هي طاقت وارا آهن ۽ مغلوب نه ٿيندا. هو ضرور تباهه ٿيندا يا اسلام تي ايندا.)

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّالْاَحْزَابُ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۠ وَهَمَّتْ كُلُّ اُمَّةٍۢ بِرَسُوْلِهِمْ لِيَاْخُذُوْهُ وَجٰدَلُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ فَاَخَذْتُهُمْ ۣ فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ۵

(۵) (ڏسو) هنن کان اڳي حضرت نوح جي قوم به (الله جي آيتن کي) ڪوڙو ٺهرايو ۽ انهن کان پوءِ ٻين قومن به ساڳيءَ طرح ڪيو ۽ سيني امتن پنهنجن رسولن جي خلاف منصوبا ٺاهيا انهيءَ لاءِ ته ڪين پڪڙي جهلين (۽ ناڪامياب ڪن) ۽ باطل دليلن (۽ حيلن) سان ساڻن جهڳڙا ڪن ۽ اهڙيءَ طرح حق کي ڊڪي ڇڏين. (پر هو ناڪامياب ٿيا چو ته) مون ئي هنن جي پڪڙ ڪئي، سو ڏسو ته منهنجي سزا ڪهڙي نه سخت هئي.

وَكَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ۝٦

(٦) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن تي اهڙيءَ طرح تنهنجي پروردگار جو حڪم يا قول سچو ثابت ٿيو. اهو حڪم يا قول هي هو ته يقيناً هو دوزخي آهن (۽ دنيا ۾ توڙي آخرت ۾ عذاب ڏسندا).

اَلَّذِيْنَ يَحْمِلُوْنَ الْعَرْشَ وَمَنْ حَوْلَهٗ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ رَبَّنَا وَسِعْتَ كُلَّ شَيْءٍ رَّحْمَةً وَّعِلْمًا فَاغْفِرْ لِلَّذِيْنَ تَابُوْا وَاتَّبَعُوْا سَبِيْلَكَ وَقِهِمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ۝٧

(٧) جيڪي الله جو عرش کڻندڙ آهن ۽ جيڪي ان جي چوگرد آهن سي پنهنجي پروردگار جون اعليٰ صفتون بيان ڪندڙ آهن (۽ عملي طرح اسلامي نظام قائم ڪرڻ ۾ ڪوشان آهن) منجهس پورو پورو ايمان رکن ٿا، ۽ ايمان وارن لاءِ (ڪوتاهين جي) معافي گهرن ٿا (۽ چون ٿا ته) اي اسان جا پروردگار! تنهنجي رحمت ۽ تنهنجو علم هر چيز کي پهچي ٿو. سو (اي پروردگار!) جيڪي مومن توبهه ڪن ٿا (يعني بديءَ جي واٽ ڇڏي) تنهنجي (ڏيکاريل) واٽ تي هلن ٿا تن کي بخش ۽ کين جهنم جي عذاب کان بچاءِ.

رَبَّنَا وَاَدْخِلْهُمْ جَنّٰتِ عَدْنِ ِالَّتِيْ وَعَدْتَّهُمْ وَمَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ ۭ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٨

(٨) (۽ وڌيڪ چون ٿا ته،) اي اسان جا پروردگار کين دائمي باغن ۾ داخل ڪر جن جو تو ساڻن واعدو ڪيو آهي. ۽ سندن ابن ڏاڏن ۽ زالن ۽ اولاد مان جن نيڪ ڪم ڪيا تن کي به (دائمي باغن ۾ داخل ڪر) بيشڪ تون وڏي طاقت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهين.

وَقِهِمُ السَّيِّاٰتِ ۭ وَمَنْ تَقِ السَّيِّاٰتِ يَوْمَىِٕذٍ فَقَدْ رَحِمْتَهٗ ۭ وَذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۝٩

(٩) ۽ (هيئن به چون ٿا ته) کين برائين کان بچاءِ، ۽ جن کي تون انهيءَ ڏينهن برائين کان بچائين تن تي تو بيشڪ وڏي رحمت ڪئي. ۽ اهائي عظيم ڪاميابي آهي.

### رڪوع 2

### قيامت جي ڏينهن ڪافرن جي بري حالت.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنَادَوْنَ لَمَقْتُ اللّٰهِ اَكْبَرُ مِنْ مَّقْتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ اِذْ تُدْعَوْنَ اِلَى الْاِيْمَانِ فَتَكْفُرُوْنَ ۝١٠

(١٠) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن کي پڪاري چيو ويندو ته الله جي بيزاري گهڻي وڏي هئي اوهان جي انهيءَ بيزاريءَ کان جيڪا (هاڻي) اوهان کي پاڻ کان آهي. هن ڪري جو توهان کي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني ويندي هئي ۽ توهان انڪار ڪندا هئو.

قَالُوْا رَبَّنَآ اَمَتَّنَا اثْنَتَيْنِ وَاَحْيَيْتَنَا اثْنَتَيْنِ فَاعْتَرَفْنَا بِذُنُوْبِنَا فَهَلْ اِلٰى خُرُوْجٍ مِّنْ سَبِيْلٍ ۝١١

(١١) اهي (ڪافر) چوندا ته، اي اسان جا پروردگار تو اسان کي ٻه ڀيرا موت ڏنو ۽ ٻه ڀيرا جيئاريو، اسان (هاڻي) پنهنجا گناهه مڃون ٿا (ته بيشڪ اسان گنهگار هئاسين) سو هاڻي هتان نڪرڻ لاءِ (۽ عذاب کان بچڻ لاءِ) آهي ڪو رستو؟ (نه بلڪل ڪونهي).

ذٰلِكُمْ بِاَنَّهٗٓ اِذَا دُعِيَ اللّٰهُ وَحْدَهٗ كَفَرْتُمْ ۚ وَاِنْ يُّشْرَكْ بِهٖ تُؤْمِنُوْا ۭ فَالْحُكْمُ لِلّٰهِ الْعَلِيِّ الْكَبِيْرِ ۝١٢

(١٢) (کين چيو ويندو ته) هيءَ حالت (۽ عذاب) هن ڪري آهي جو جڏهن هڪ الله کي پڪاريو ويندو هو تڏهن توهان انڪار ڪندا هئو ۽ جڏهن ساڻس ٻين کي شريڪ ڪيو ويندو هو تڏهن ايمان آڻيندا هئو. سو (هاڻي

ڏسو تہ توهان ڀليل هئو ۽) حڪومت ۽ حڪم فقط الله جو آهي جو سڀني کان مٿي ۽ سڀني کان وڏو آهي.

هُوَ الَّذِيْ يُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ وَيُنَزِّلُ لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ رِزْقًا ؕ وَمَا يَتَذَكَّرُ اِلَّا مَنْ يُّنِيْبُ ﴿۱۳﴾

(١٣) (اي انسانو! ٻڌو ۽ خبردار ٿيو!) اهوئي (الله) آهي جو اوهان کي پنهنجون نشانيون (هدايت ڪرڻ لاءِ) ڏيکاري ٿو ۽ آسمان مان اوهان جي لاءِ رزق نازل ڪري ٿو، پر فقط اهي نصيحت وٺن ٿا (پنهنجو فائدو ڪن ٿا ۽ ڪامياب ٿين ٿا) جيڪي خدا ڏي رجوع ٿين ٿا (۽ سندس ڏيکاريل واٽ تي هلن ٿا، ٻيا تباهہ ٿي ٿا وڃن).

فَادْعُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۱۴﴾

(١٤) سو توهان فقط الله کي پڪاريو ۽ سچائيءَ سان سندس فرمانبرداري ڪيو اگرچہ انهيءَ ڳالهہ کي ڪافر سخت ناپسند ڪن.

رَفِيْعُ الدَّرَجٰتِ ذُو الْعَرْشِ ۚ يُلْقِى الرُّوْحَ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ لِيُنْذِرَ يَوْمَ التَّلَاقِ ۙ﴿۱۵﴾

(١٥) اهو عرش جو مالڪ (ڪائنات جو بادشاهہ) وڏا درجا (۽ مرتبا) ڏيندڙ آهي. هو پنهنجي ٻانهن مان جيڪو وڻيس ٿو تنهن ڏي پنهنجي حڪم سان وحي موڪلي ٿو انهيءَ لاءِ تہ جنهن (قيامت جي) ڏينهن سڀ ماڻهو گڏ ڪري ملايا ويندا الله تعاليٰ وٽ پيش ڪيا ويندا تنهن ڏينهن بابت (ماڻهن کي) خبردار ڪري ڇڏي.

يَوْمَ هُمْ بٰرِزُوْنَ ۚ لَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنْهُمْ شَيْءٌ ؕ لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ؕ لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿۱۶﴾

(١٦) انهيءَ ڏينهن جڏهن سڀ ماڻهو (قبرن مان) نڪري نروار ٿيندا تڏهن سندن بابت ڪابہ ڳالهہ الله تعاليٰ کان لڪل نہ رهندي. (۽ نعرو هڻي پڇيو ويندو ويندو تہ) اڄ ڪنهن جي حڪومت آهي؟ (هرڪو چئي ڏيندو تہ) بيشڪ حڪومت انهيءَ هڪ الله جي آهي جو سڀني تي غالب آهي.

اَلْيَوْمَ تُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ ؕ لَا ظُلْمَ الْيَوْمَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۱۷﴾

(١٧) انهيءَ ڏينهن هرهڪ شخص کي سندس ڪئي ڪمائي موجب بدلو ڏنو ويندو، ۽ انهيءَ ڏينهن ڪابہ بي انصافي ڪانہ ٿيندي، يقيناً الله تعاليٰ حساب وٺڻ ۾ بلڪل تکو آهي.

وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْاٰزِفَةِ اِذِ الْقُلُوْبُ لَدَى الْحَنَاجِرِ كٰظِمِيْنَ ؕ مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ وَّلَا شَفِيْعٍ يُّطَاعُ ؕ﴿۱۸﴾

(١٨) ۽ (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن کي انهيءَ ويجهي ايندڙ ڏينهن بابت خبردار ڪري ڇڏ جنهن ڏينهن دليون نڙي ڏي چڙهي ان کي گهٽينديون (۽ هو ڳالهائي نہ سگهندا) انهيءَ ڏينهن ظالمن لاءِ ڪوبہ هڏڏوکي يار ڪونہ هوندو، نڪو ڪو اهڙو سفارشي هوندو جنهن جي ڳالهہ ٻڌي وڃي.

يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِى الصُّدُوْرُ ﴿۱۹﴾

(١٩) هو (يعني الله تعاليٰ) اکين جي خيانت بہ ڄاڻي ٿو.

وَاللّٰهُ يَقْضِيْ بِالْحَقِّ ؕ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَقْضُوْنَ بِشَيْءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿۲۰﴾ ع

(٢٠) ۽ الله تعاليٰ حق ۽ انصاف سان فيصلو ڪري ٿو (۽ جزا ۽ سزا ڏئي ٿو) پر جن کي ماڻهو خدا تعاليٰ کان سواءِ پڪارين ٿا سي ڪوبہ فيصلو ڪونہ ڪندا (جو هن کي ڪوبہ اختيار يا طاقت ڪانهي) يقيناً الله ئي آهي جو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

## رکوع 3

**قومن جي تاريخ پڙهي ۽ سندن آثار ڏسي عبرت وٺو.**

اَوَ لَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ كَانُوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْا هُمْ اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّ اٰثَارًا فِي الْاَرْضِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ۝٢١

(٢١) ڇا هي ماڻهو زمين تي سير سفر نٿا ڪن ۽ ڏسن نٿا ته جيڪي ماڻهو ڪانئن اڳي ٿي گذريا آهن تن جي پڇاڙي (سندن بدعملن سببان) ڪهڙي نه خراب ٿي، اهي ته هنن ماڻهن ڪان قوت ۽ طاقت ۾ گهڻو وڌيڪ هئا ۽ زمين تي وڌيڪ نشانيون ۽ اثر ڇڏي ويا. پر (تڏهن به) الله تعاليٰ سندن گناهن جي ڪري کين پڪڙ ڪئي، ۽ هنن کي خدا (جي عذاب) کان بچائڻ وارو ڪو به ڪونه هو.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَكَفَرُوْا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّهٗ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٢٢

(٢٢) اهو (عذاب) هن ڪري (مٿن ڪڙڪيو) جو هنن ڏي (اسان جا) رسول روشن دليلن سان آيا (تنهن هوندي به) هنن نه مڃيو (۽ گناهه ڪندا رهيا) سو الله تعاليٰ کين پڪڙ ڪئي. بيشڪ الله تعاليٰ وڏي قوت ۽ طاقت وارو آهي ۽ سزا ڏيڻ ۾ بيشڪ سخت آهي.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ۝٢٣ ۙ

(٢٣) هيءَ حقيقت آهي ته اسان حضرت موسيٰ کي پنهنجي نشانين حڪمن سان ۽ چٽي سند ۽ دليلن سان رسول ڪري موڪليو.

اِلٰى فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَقَارُوْنَ فَقَالُوْا سٰحِرٌ كَذَّابٌ ۝٢٤

(٢٤) فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن (ڪيس رسول ڪري موڪليوسين) پر (هنن ڪيس نه مڃيو ۽) چوڻ لڳا ته هو جادوگر آهي ۽ ڪوڙو آهي.

فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوا اقْتُلُوْٓا اَبْنَآءَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ وَاسْتَحْيُوْا نِسَآءَهُمْ ؕ وَمَا كَيْدُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ۝٢٥

(٢٥) پوءِ جڏهن هو حق جو پيغام کڻي وٽن آيو تڏهن هنن (پنهنجن ماڻهن کي) حڪم ڏنو ته جن ساڻس گڏ (الله تي) ايمان آندو آهي تن جي (نون ڄاول) پٽن کي قتل ڪندا وڃو. سندن عورتن کي جيئرو ڇڏيو. پر (ياد رکو ته) ڪافرن جون تدبيرون ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻيون نه آهن.

وَقَالَ فِرْعَوْنُ ذَرُوْنِيْٓ اَقْتُلْ مُوْسٰى وَلْيَدْعُ رَبَّهٗ ۚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّبَدِّلَ دِيْنَكُمْ اَوْ اَنْ يُّظْهِرَ فِي الْاَرْضِ الْفَسَادَ ۝٢٦

(٢٦) ۽ فرعون (پنهنجي درٻارين کي) چيو ته مون کي ڇڏيو ته موسيٰ کي قتل ڪري ڇڏيان، ڀلي پنهنجي پروردگار کي پڪاري (ڏسون ته ڪيئن ٿو سندس رب ڪيس بچائي، ڪيس قتل ڪرڻ ضروري آهي ڇو ته) بيشڪ مون کي انديشو آهي ته هو اوهان جو دين نه بدلائي ڇڏي يا ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو نه مچائي ڇڏي.

وَقَالَ مُوْسٰٓى اِنِّيْ عُذْتُ بِرَبِّيْ وَرَبِّكُمْ مِّنْ كُلِّ مُتَكَبِّرٍ لَّا يُؤْمِنُ بِيَوْمِ الْحِسَابِ ۝٢٧ ع

(٢٧) (اهو حڪم ٻڌي) حضرت موسيٰ چيو ته. يقيناً مون پنهنجي پروردگار وٽ پناهه ورتي آهي جو اوهان جو به پروردگار آهي. هرهڪ تڪبر ڪندڙ کان جيڪو حساب واري ڏينهن تي ايمان نٿو رکي (۽ سمجهي ٿو ته بدعملن لاءِ سزا ڪانه ملندي).

## رکوع 4

**فرعون کي قدرت هڪ موقعو آخر ۾ ٻه ڏنو ته حضرت موسيٰ تي ايمان آڻي.**

وَ قَالَ رَجُلٌ مُّؤْمِنٌ ۖ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَكْتُمُ اِيْمَانَهٗٓ اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ يَّقُوْلَ رَبِّيَ اللّٰهُ وَقَدْ جَآءَكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ مِنْ رَّبِّكُمْ ۭ وَاِنْ يَّكُ كَاذِبًا فَعَلَيْهِ كَذِبُهٗ ۚ وَاِنْ يَّكُ صَادِقًا يُّصِبْكُمْ بَعْضُ الَّذِيْ يَعِدُكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ كَذَّابٌ ﴿٢٨﴾

(۲۸) ۽ فرعون جي ماڻهن مان هڪڙي مومن مرد جو هن پنهنجو ايمان دل ۾ ساندي رکيو هو، تنهن (فرعون ۽ سردارن کي) چيو ته. ڇا توهان هڪ شخص کي قتل کندو فقط هن کري جو هو چوي ٿو ته، منهنجو پروردگار الله آهي؟ ۽ (هيءَ حقيقت آهي ته) هو توهان وٽ پنهنجي پروردگار وٽان روشن دليل (۽ چٽيون نشانيون) کڻي آيو آهي. ۽ (خيال کري ڏسو ته) جيڪڏهن هو کوڙو آهي ته سندس کوڙ مٿس ئي پوندو (يعني سندس ئي نقصان ٿيندو) پر جيڪڏهن هو سچو آهي ته پوءِ جنهن (عذاب) متعلق توهان کي خبردار کري رهيو آهي تنهن مان کجھ ته ضرور اچي اوهان تي کڙکندو. يقين ڄاڻو ته جيکو ليکو لنگهي ٿو بيهي ۽ کوڙو آهي تنهن کي خدا کڏهن به سڌي واٽ نٿو ڏيکاري.

يٰقَوْمِ لَكُمُ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ظٰهِرِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۡ فَمَنْ يَّنْصُرُنَا مِنْۢ بَاْسِ اللّٰهِ اِنْ جَآءَنَا ۭ قَالَ فِرْعَوْنُ مَآ اُرِيْكُمْ اِلَّا مَآ اَرٰى وَمَآ اَهْدِيْكُمْ اِلَّا سَبِيْلَ الرَّشَادِ ﴿٢٩﴾

(۲۹) (انهيءَ مومن مرد وڌيک چيو ته) اي منهنجي قوم جا ماڻهو! هن وقت اوهان جي حکومت آهي. توهان دنيا ۾ غالب آهيو. (اهڙا کم نه کرڻ گهرجن جو اسان جي اها حکمت هلي وڃي ۽ تباهه ٿي وڃون) پوءِ کير اسان کي الله تعاليٰ جي سزا کان بچائي سگهندو جڏهن اها سزا اسان وٽ پهچي ويندي. (تنهن تي) فرعون چيو ته. (مان وڏو داناءُ آهيان ۽ سڀ کجھ ٿو سمجهان) مان توهان کي فقط اهي ڳالهيون ڏيکاريان ۽ ٻڌايان ٿو جيکي مان چٽيءَ طرح ڏسان ٿو، ۽ مان توهان کي اهائي راهه ڏيکاريان ٿو جيکا صحيح راهه آهي.

وَقَالَ الَّذِيْٓ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ مِّثْلَ يَوْمِ الْاَحْزَابِ ﴿٣٠﴾

(۳۰) (تنهن تي انهيءَ مومن مرد) جنهن (حضرت موسيٰ تي لک ڇپ ۾) ايمان آندو هو چيو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مون کي ڏاڍو خوف ٿو ٿئي ته متان توهان تي به اهڙو (تباهيءَ جو) ڏينهن اچي وڃي جهڙو (اڳوٽين) قومن تي اچي ويو هو.

مِثْلَ دَاْبِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ وَالَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۭ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعِبَادِ ﴿٣١﴾

(۳۱) جهڙو حضرت نوح جي قوم تي، عاد ۽ ثمود قومن تي ۽ انهن کان بعد وارين قومن تي اچي ويو هو. ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن سان بي انصافي کرڻ هرگز نٿو چاهي (تباهي تڏهن ٿي اچي جڏهن کا قوم ظلم ۾ چوٽ چڙهي ٿي وڃي).

وَيٰقَوْمِ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ يَوْمَ التَّنَادِ ﴿٣٢﴾

(۳۲) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مون کي ڏاڍو خوف آهي ته متان توهان تي اهو (واويلا جو) ڏينهن اچي وڃي جنهن ڏينهن هڪٻئي کي (مدد لاءِ) سڏيو ويندو (۽ روج راڙو مچي ويندو).

يَوۡمَ تُوَلُّوۡنَ مُدۡبِرِيۡنَ ۚ مَا لَكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ عَاصِمٍ ۚ وَمَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ هَادٍ ﴿۳۳﴾

(٣٣) جنهن ڏينهن توهان پٺي ڏئي ڀڄندو (۽) اوهان کي خدا (جي عذاب) کان بچائڻ وارو ڪوبہ ڪونہ هوندو ۽ (ياد رکو تہ) جن کي الله تعاليٰ (سندن ئي بدعملن جي ڪري) گمراهہ ڪري تو ڇڏي تن جي لاءِ ٻيو ڪوبہ هادي يا واٽ ڏيکاريندڙ ڪونهي.

وَلَقَدۡ جَآءَكُمۡ يُوۡسُفُ مِنۡ قَبۡلُ بِالۡبَيِّنٰتِ فَمَا زِلۡتُمۡ فِىۡ شَكٍّ مِّمَّا جَآءَكُمۡ بِهٖ ؕ حَتّٰۤى اِذَا هَلَكَ قُلۡتُمۡ لَنۡ يَّبۡعَثَ اللّٰهُ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ رَسُوۡلًا ؕ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنۡ هُوَ مُسۡرِفٌ مُّرۡتَابُۨ ۚ ﴿۳۴﴾

(٣٤) ۽ (اي منهنجي قوم جا ماڻهو!) هيءَ حقيقت آهي تہ هن کان اڳي اوهان ڏي حضرت يوسف روشن دليلن سان پيغمبر ٿي آيو. پر جيڪو (پيغام ۽ نصيحت) هو اوهان ڏي ڪٺي آيو تنهن بابت توهان هميشہ شڪ ڪندا رهيو (توهان يقيني ايمان ڪونہ آندو) تانجو (جڏهن) هو گذاري ويو (تڏهن) توهان چوڻ لڳو تہ هن کان پوءِ الله تعاليٰ ڪوئي رسول ڪونہ موڪليندو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ انهن کي گمراهہ ڪري تو ڇڏي جيڪي حدن کان ٻاهر نڪري ٿا وڃن ۽ شڪ شبهي ۾ ٿا رهن.

اِۨلَّذِيۡنَ يُجَادِلُوۡنَ فِىۡۤ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيۡرِ سُلۡطٰنٍ اَتٰٮهُمۡ ؕ كَبُرَ مَقۡتًا عِنۡدَ اللّٰهِ وَعِنۡدَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ؕ كَذٰلِكَ يَطۡبَعُ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ قَلۡبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ ﴿۳۵﴾

(٣٥) جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نشانين بابت بنا ڪنهن دليل يا سند جي جيڪا وٽن آئي هجي جهڳڙا ڪندا تا رهن تن جي اها روش الله تعاليٰ جي نظر ۾ توڙي مؤمن جي نظر ۾ سخت نفرت جهڙي آهي. اهڙي طرح الله تعاليٰ هرهڪ هٺيلي ۽ سرڪش جي دل تي مهر ڪري تو ڇڏي (پوءِ هو ڪجهہ بہ سمجهي نٿو سگهي ۽ انڌو ٿي ڪڏ ۾ ٿو ڪري).

وَقَالَ فِرۡعَوۡنُ يٰهَامٰنُ ابۡنِ لِىۡ صَرۡحًا لَّعَلِّىۡۤ اَبۡلُغُ الۡاَسۡبَابَ ۙ ﴿۳۶﴾

(٣٦) (تنهن تي) فرعون (غصي ۾ اچي ٽوڪ مان) حڪم ڏنو تہ اي هامان منهنجي لاءِ هڪ تمام اونچي محلات بناءِ تہ مان (متي آسمان ڏي چڙهي ضروري) حيلا وسيلا هٿ ڪيان.

اَسۡبَابَ السَّمٰوٰتِ فَاَطَّلِعَ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوۡسٰى وَاِنِّىۡ لَاَظُنُّهٗ كَاذِبًا ؕ وَكَذٰلِكَ زُيِّنَ لِفِرۡعَوۡنَ سُوۡٓءُ عَمَلِهٖ وَصُدَّ عَنِ السَّبِيۡلِ ؕ وَمَا كَيۡدُ فِرۡعَوۡنَ اِلَّا فِىۡ تَبَابٍ ﴿۳۷﴾

(٣٧) اهي حيلا وسيلا هٿ ڪيان جن سان آسمانن تي پهچي سگهان ۽ موسيٰ جي معبود (الله) ڏي چڙهي وڃان. پر مان تہ يقيناً هن کي ڪوڙو ٿو سمجهان (۽ يقين اٿم تہ الله آهي ئي ڪونہ) اهڙيءَ طرح فرعون کي سندس برا عمل سهڻا پئي ڏسڻ ۾ آيا ۽ هو (حقي) راهہ کان روڪجي ويو. ۽ فرعون جا منصوبا ۽ رٿون (ڪامياب تہ ڪونہ ٿيون پر اٿلندو) ڪيس بربادي ۽ تباهيءَ ڏي ڪٺي ويون.

رڪوع 5

**مومن شخص کي مصرين نہ مڃيو، متن مصيبتون آيون ۽ آخر تباهہ ٿيا.**

وَقَالَ الَّذِىۡۤ اٰمَنَ يٰقَوۡمِ اتَّبِعُوۡنِ اَهۡدِكُمۡ سَبِيۡلَ الرَّشَادِ ۚ ﴿۳۸﴾

(٣٨) (مصر جي) جنهن ماڻهوءَ ايمان آندو هو تنهن (مصر جي ماڻهن کي وڏيڪ) چيو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! منهنجي نقش قدم تي هلو (يعني مون واري واٽ وٺو) مان توهان کي حق جي سڌي واٽ ڏيکاريندس.

يٰقَوْمِ اِنَّمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا مَتَاعٌ ۫ وَّ اِنَّ الْاٰخِرَةَ هِيَ دَارُ الْقَرَارِ ﴿۳۹﴾

(٣٩) اي منهنجي قوم جا ماڻهو! دنيا جي هيءَ حياتي فقط وقتي گذارو آهي ۽ يقيناً آخرت ئي دائمي گهر آهي (جتي هميشہ لاءِ رهبو).

مَنْ عَمِلَ سَيِّئَةً فَلَا يُجْزٰۤى اِلَّا مِثْلَهَا ۚ وَ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ يُرْزَقُوْنَ فِيْهَا بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۴۰﴾

(٤٠) جيڪو شخص برائي تو ڪري تنهن کي انهيءَ ئي برائي جهڙو بدلو ملندو، پر جيڪو بہ نيڪ عمل تو ڪري، مرد هجي توڙي زال، ۽ مومن هجي تہ پوءِ اهڙا ماڻهو جنت ۾ داخل ٿيندا جتي هنن کي بي حساب رزق ملندو.

وَ يٰقَوْمِ مَا لِيْۤ اَدْعُوْكُمْ اِلَى النَّجٰوةِ وَ تَدْعُوْنَنِيْۤ اِلَى النَّارِ ؕ﴿۴۱﴾

(٤١) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مون کي عجب تو لڳي تہ مان توهان کي ڇوٽڪاري (۽ ڪاميابيءَ) جي طرف تو سڏيان ۽ توهان مون کي باھ (جي عذاب) ڏي تا سڏيو.

تَدْعُوْنَنِيْ لِاَكْفُرَ بِاللّٰهِ وَ اُشْرِكَ بِهٖ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ۫ وَّ اَنَا اَدْعُوْكُمْ اِلَى الْعَزِيْزِ الْغَفَّارِ ﴿۴۲﴾

(٤٢) توهان مون کي هن ڳالھ ڏي تا سڏيو تہ مان الله کي نہ مڃيان ۽ ساڻس انهن کي شريڪ ڪيان جن بابت مون کي علم بہ ڪونهي، ۽ مان توهان کي انهيءَ (هڪ الله) ڏي تو سڏيان جو وڏي قدرت ۽ غلبي وارو آهي، ۽ (توبھ ڪندڙن کي) وري وري بخشيندڙ آهي.

لَا جَرَمَ اَنَّمَا تَدْعُوْنَنِيْۤ اِلَيْهِ لَيْسَ لَهٗ دَعْوَةٌ فِي الدُّنْيَا وَ لَا فِي الْاٰخِرَةِ وَ اَنَّ مَرَدَّنَاۤ اِلَى اللّٰهِ وَ اَنَّ الْمُسْرِفِيْنَ هُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ﴿۴۳﴾

(٤٣) انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ شبهو ڪونهي تہ توهان مون کي انهيءَ ڏي سڏيو تا جو نڪي دنيا ۾ پڪارڻ جو لائق آهي، نڪي آخرت ۾ ۽ يقيناً اسان کي آخرت الله ڏي ئي موٽڻو آهي ۽ يقيناً حدن کان ٻاهر ويندڙ ماڻهو ئي دوزخي آهي.

فَسَتَذْكُرُوْنَ مَاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ ؕ وَ اُفَوِّضُ اَمْرِيْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۴۴﴾

(٤٤) سو (توهان هاڻي تہ منهنجي ڳالھ نٿا مڃيو پر جڏهن عذاب توهان جي مٿان اچي ويندو تڏهن) توهان منهنجي ڳالھ ياد ڪندو، جيڪا مان هاڻي توهان کي چئي رهيو آهيان، پر پوءِ پشيماني ڪم نہ ايندي. توهان پلي منهنجي خلاف منصوبا رٿيو) مان تہ پنهنجو معاملو الله تعاليٰ جي حوالي ٿو ڪيان. يقيناً الله تعاليٰ پنهنجي بندن کي ڏسي رهيو آهي.

فَوَقٰىهُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِ مَا مَكَرُوْا وَ حَاقَ بِاٰلِ فِرْعَوْنَ سُوْٓءُ الْعَذَابِ ۚ﴿۴۵﴾

(٤٥) سو جيڪي بہ برائيون هنن رٿيون تن کان الله تعاليٰ کيس بچائي ورتو، ۽ اٿلندو فرعون جي ماڻهن تي اچي خراب مصيبتون ڪڙڪيون.

اَلنَّارُ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا غُدُوًّا وَّ عَشِيًّا ۚ وَ يَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ ۫ اَدْخِلُوْۤا اٰلَ فِرْعَوْنَ اَشَدَّ الْعَذَابِ ﴿۴۶﴾

(٤٦) هو صبح شام (مصيبتن جي) باھ جي آڏو آندا وڃن ٿا، ۽ جنهن ڏينهن قيامت جي گهڙي قائم ڪئي ويندي تنهن ڏينهن (حڪم ڪيو ويندو تہ) فرعون جي ماڻهن کي سخت ۾ سخت عذاب ۾ وجهو.

وَ اِذْ يَتَحَآجُّوْنَ فِي النَّارِ فَيَقُوْلُ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْۤا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ

(٤٧) ۽ (ڇا ٿيندو جو) باھ ۾ هو هڪبئي سان جهڳڙا ڪندا. جيڪي ماڻهو (هن دنيا ۾) ضعيف ۽ هيٺا هئا سي پنهنجي هنيلن وڏيرن کي

أَنْتُمْ مُّغْنُونَ عَنَّا نَصِيبًا مِّنَ النَّارِ ﴿٤٧﴾

چوندا ته اسان يقيناً توهان جي پوئتان لڳاسين ۽ توهان جي تابعداري ڪئي سين، ڇا هاڻي توهان باھ جي عذاب جو ڪجھ حصو اسان کان ونئي پنهنجي سر تي وسائيندؤ؟

قَالَ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا إِنَّا كُلٌّ فِيهَا ۚ إِنَّ اللَّهَ قَدْ حَكَمَ بَيْنَ الْعِبَادِ ﴿٤٨﴾

(٤٨) جن وڏيرن دنيا ۾ هٺ وڏائي ڪئي هئي سي جواب ۾ چوندا ته (جهڙا توهان گنهگار هئو تهڙا اسان به گنهگار هئاسين) يقيناً اسان سڀ ان باھ ۾ آهيو. (جيڪڏهن توهان گنهگار نه هجو ها ته ڇو باھ ۾ پئو ها) بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي وچ ۾ (حق جو) فيصلو ڪيو آهي.

وَقَالَ الَّذِينَ فِي النَّارِ لِخَزَنَةِ جَهَنَّمَ ادْعُوا رَبَّكُمْ يُخَفِّفْ عَنَّا يَوْمًا مِّنَ الْعَذَابِ ﴿٤٩﴾

(٤٩) ۽ دوزخي ماڻهو جهنم جي داروغن کي چوندا ته توهان پنهنجي رب کي پڪاريو ته هڪڙي ڏينهن لاءِ اسان جو عذاب هلڪو ڪري.

قَالُوا أَوَلَمْ تَكُ تَأْتِيكُمْ رُسُلُكُم بِالْبَيِّنَاتِ ۖ قَالُوا بَلَىٰ ۚ قَالُوا فَادْعُوا ۗ وَمَا دُعَاءُ الْكَافِرِينَ إِلَّا فِي ضَلَالٍ ﴿٥٠﴾

(٥٠) اهي (داروغا) جواب ڏيندا ته، ڇا توهان ڏي توهان جا رسول روشن دليلن ۽ نشانين سان ڪين آيا هئا؟ هو چوندا ته، هائو، (بيشڪ آيا هئا پر اسان انڌ ۾ اچي ڪين نه مڃيو تنهن تي داروغا وري ڪين) چوندا ته، پوءِ (اسان ڇو خدا کي اوهان جي لاءِ پڪاريون) توهان پاڻ خدا کي پڪاريو پر (يقين رکو ته ورندو ڪجھ به ڪين) ڪافرن جي پڪار ۽ دعا بلڪل اجائي ٿيندي ۽ رائگان ويندي.

رڪوع 6

**ايمان وارا حقيقتون سمجهن تا ۽ ڏسن تا، پر منڪر انڌا آهن.**

إِنَّا لَنَنصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِينَ آمَنُوا فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ يَقُومُ الْأَشْهَادُ ﴿٥١﴾

(٥١) يقيناً يقيناً اسان پنهنجي رسول کي ۽ انهن کي جيڪي ايمان ٿا آڻين هن ئي دنيا جي زندگي ۾ مدد ڪندا آهيون، ۽ (خاص طرح) انهيءَ ڏينهن جنهن ڏينهن شاهد اٿي کڙا ٿيندا. (يعني قيامت جي ڏينهن).

يَوْمَ لَا يَنفَعُ الظَّالِمِينَ مَعْذِرَتُهُمْ ۖ وَلَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوءُ الدَّارِ ﴿٥٢﴾

(٥٢) انهيءَ ڏينهن (الله تعاليٰ مومنن جي مدد ڪندو ۽ وڏيون نعمتون بخشيندو جنهن ڏينهن) ظالمن کي سندن عذاب ۽ بهانا ڪوبه فائدو ڪونه ڏيندا، انهن تي لعنت وسندي (يعني خدا جي فضل کان محروم رهندا) ۽ انهن جي لاءِ رهڻ جي جاءِ مصيبتن واري هوندي.

وَلَقَدْ آتَيْنَا مُوسَى الْهُدَىٰ وَأَوْرَثْنَا بَنِي إِسْرَائِيلَ الْكِتَابَ ﴿٥٣﴾

(٥٣) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان حضرت موسيٰ کي هدايت (جو ڪتاب) ڏنو ۽ بني اسرائيلن کي اهو ڪتاب ورثي ۾ ڏنوسين.

هُدًى وَذِكْرَىٰ لِأُولِي الْأَلْبَابِ ﴿٥٤﴾

(٥٤) اهو (ڪتاب) سمجھ وارن لاءِ سراسر هدايت ۽ اعليٰ نصيحت آهي. (پر اڄوڪا يهودي ان ڪتاب تي به عمل نٿا ڪن، نڪي قرآن مجيد تي ايمان ٿا آڻين).

فَاصْبِرْ إِنَّ وَعْدَ اللَّهِ حَقٌّ وَاسْتَغْفِرْ لِذَنبِكَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ بِالْعَشِيِّ وَالْإِبْكَارِ ﴿٥٥﴾

(٥٥) (اي پيغمبر! ڪافر وغيره تنهنجي سخت مخالفت ڪري رهيا آهن) پر تون ثابت قدم رهه. يقين ڄاڻ تہ الله تعاليٰ جو واعدو سچو آهي (تہ تون ڪامياب ٿيندين ۽ منڪر خوار خراب ٿيندا) ۽ تون پنهنجي (بشري) ڪمزورين ڪان الله جي پناهہ وٺ (تہ اهي دفع ٿي وڃن) ۽ صبح شام (هر وقت) پنهنجي پروردگار جي پاڪائي ۽ صفتون بيان ڪندو رهہ.

إِنَّ الَّذِينَ يُجَادِلُونَ فِي آيَاتِ اللَّهِ بِغَيْرِ سُلْطَانٍ أَتَاهُمْ ۙ إِن فِي صُدُورِهِمْ إِلَّا كِبْرٌ مَّا هُم بِبَالِغِيهِ ۚ فَاسْتَعِذْ بِاللَّهِ ۖ إِنَّهُ هُوَ السَّمِيعُ الْبَصِيرُ ﴿٥٦﴾

(٥٦) جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نشانين بابت بنا ڪنهن دليل يا سند جي، جيڪا وٽن آئي هجي جهڳڙا ٿا ڪن (۽ نٿا مڃن) تن ڪي سندن دلين ۾ وڏائي (۽ وڏو درجو حاصل ڪرڻ جو حرص ويٺل) آهي. جو هو ڪڏهن بہ حاصل نہ ڪندا. يقيناً هو (يعني الله تعاليٰ) سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

لَخَلْقُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ أَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ النَّاسِ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٥٧﴾

(٥٧) يقيناً آسمانن ۽ زمين جو خلقڻ انسان ڪي خلقڻ ڪان گهڻي وڏي ڳالهہ آهي. پر گهڻا ماڻهو اها ڳالهہ نٿا ڄاڻن ۽ سمجهن.

وَمَا يَسْتَوِي الْأَعْمَىٰ وَالْبَصِيرُ وَالَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَلَا الْمُسِيءُ ۚ قَلِيلًا مَّا تَتَذَكَّرُونَ ﴿٥٨﴾

(٥٨) ۽ (ياد رکو تہ) انڌو ۽ ڏسندڙ هرگز هڪ جهڙا ناهن، نڪي ايمان آڻيندڙ ۽ صالح عمل ڪندڙ انهن جهڙا آهن، جيڪي بدڪار آهن. (افسوس جو) اوهين بلڪل ٿورو ڌيان ڪريو ٿا (۽ نصيحت نٿا وٺو).

إِنَّ السَّاعَةَ لَآتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيهَا وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٥٩﴾

(٥٩) يقيناً اها گهڙي (هن ئي دنيا ۾ مومنن جي ڪاميابي جي، يا قيامت جي گهڙي) ضرور اچڻي آهي، انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ڪونهي پر (افسوس جو) گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين.

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُونِي أَسْتَجِبْ لَكُمْ ۚ إِنَّ الَّذِينَ يَسْتَكْبِرُونَ عَنْ عِبَادَتِي سَيَدْخُلُونَ جَهَنَّمَ دَاخِرِينَ ﴿٦٠﴾

(٦٠) ۽ توهان جو پروردگار چوي ٿو تہ مون کي ئي پڪاريو، مان توهان جي سڏ جو جواب ڏيندس. جيڪي ماڻهو منهنجي ٻانهپ ۽ فرمابرداري ڪرڻ ڪان تڪبر جي ڪري پري ٿا ڀڄن سي يقيناً جلد ئي خوار خراب ٿي جهنم ۾ داخل ٿيندا.

## رڪوع 7

### الله تعالٰ جون نعمتون ۽ انسان جي بي شڪري

اللَّهُ الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ اللَّيْلَ لِتَسْكُنُوا فِيهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ۚ إِنَّ اللَّهَ لَذُو فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُونَ ﴿٦١﴾

(٦١) الله تعاليٰ اهو آهي جنهن توهان جي لاءِ رات بنائي انهيءَ لاءِ تہ توهان ان ۾ (ننڊ ڪري) آرام حاصل ڪيو ۽ ڏينهن ڏسڻ لاءِ (۽ ڪمن ڪارين ڪرڻ لاءِ) بنايائين. بيشڪ الله تعاليٰ انسانن لاءِ وڏي فضل وارو آهي. پر گهڻا ماڻهو سندس نعمتن جو قدر نٿا ڪن (۽ اهي نعمتون ضايع ڪري پنهنجو نقصان ٿا ڪن).

ذَٰلِكُمُ اللَّهُ رَبُّكُمْ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ لَّا إِلَٰهَ

(٦٢) اهڙو آهي الله، اوهان جو پروردگار جو هر چيز جو خلقيندڙ آهي.

إِلَّا هُوَ ۖ فَأَنَّىٰ تُؤْفَكُونَ ﴿٦٢﴾

هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ۽ فرمانبرداري ڪجي) پوءِ توهان ڪيئن ڪاڏي جو ڪاڏي ڀٽڪي رهيا آهيو؟

كَذَٰلِكَ يُؤْفَكُ الَّذِينَ كَانُوا بِآيَاتِ اللَّهِ
يَجْحَدُونَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو ڀٽڪي گمراهہ ٿي وڃن ٿا جيڪي الله تعاليٰ جي آيتن (۽ حڪمن مڃڻ) کان انڪار ڪندا آهن.

اللَّهُ الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ الْأَرْضَ قَرَارًا وَّ
السَّمَاءَ بِنَاءً وَّصَوَّرَكُمْ فَأَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَ
رَزَقَكُم مِّنَ الطَّيِّبَاتِ ۚ ذَٰلِكُمُ اللَّهُ رَبُّكُمْ ۖ
فَتَبَارَكَ اللَّهُ رَبُّ الْعَالَمِينَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) الله اهو آهي جنهن زمين کي آرامگاهہ بنايو ۽ آسمان کي ڇت جي مثل بنايو، ۽ اوهان کي شڪل ڏني، ۽ اوهان جون شڪليون سهڻيون ڪيائين ۽ اوهان کي چڱين شين جو رزق ڏنائين، اهڙو آهي الله اوهان جو پروردگار، سو گهڻو نہ برڪت وارو آهي الله جو سيني جهانن جو پروردگار آهي.

هُوَ الْحَيُّ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ فَادْعُوهُ مُخْلِصِينَ
لَهُ الدِّينَ ۗ الْحَمْدُ لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) اهوئي آهي جو سچ پچ زنده آهي (۽ هر وقت ۽ هميشہ زنده آهي) ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت (۽ فرمانبرداري جي) لائق ڪونهي، پوءِ توهان فقط ڪيس پڪاريو ۽ اخلاص ۽ فرمابرداريءَ سان پڪاريو (۽ سندس پوري پوري فرمانبرداري ڪيو) سڀ ساراهہ انهيءَ الله جي لاءِ آهي جو جهانن جو پروردگار آهي.

قُلْ إِنِّي نُهِيتُ أَنْ أَعْبُدَ الَّذِينَ تَدْعُونَ مِن
دُونِ اللَّهِ لَمَّا جَاءَنِيَ الْبَيِّنَاتُ مِن رَّبِّي وَ
أُمِرْتُ أَنْ أُسْلِمَ لِرَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) (اي پيغمبر! تون) چئو تہ مون کي منع ڪئي ويئي آهي، انهيءَ کان تہ مان انهن جي ٻانهپ ڪيان جن کي توهان خد جي بجاءِ پڪاريندا آهيو. جڏهن تہ مون ڏي منهنجي پروردگار وٽان روشن نشانيون ۽ دليل اچي چڪا آهن ۽ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان جهانن جي پروردگار جي پوري پوري فرمانبرداري ڪيان.

هُوَ الَّذِي خَلَقَكُم مِّن تُرَابٍ ثُمَّ مِن نُّطْفَةٍ ثُمَّ
مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوا
أَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُونُوا شُيُوخًا ۚ وَمِنكُم مَّن
يُتَوَفَّىٰ مِن قَبْلُ ۖ وَلِتَبْلُغُوا أَجَلًا مُّسَمًّى وَّ
لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُونَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) اهوئي آهي جنهن اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو. پوءِ منيءَ جي ڦڙي مان ۽ پوءِ گوشت جي ٽڪري مان ٺاهيو، پوءِ اوهان کي ٻار بنائي ٻاهر ٿو آڻي (۽ زنده ٿو رکي) انهيءَ لاءِ تہ توهان جوان ٿيو ۽ پوءِ پوڙها ٿي وڃو. ۽ توهان مقرر مدي کي پهچو ٿا (پوءِ وفات ڪيو ٿا) اهو سڀ انهيءَ لاءِ آهي تہ توهان عقل پرائيو (۽ تجربي سان حقيقتن کي سمجهي سگهو).

هُوَ الَّذِي يُحْيِي وَيُمِيتُ ۖ فَإِذَا قَضَىٰ أَمْرًا
فَإِنَّمَا يَقُولُ لَهُ كُن فَيَكُونُ ﴿٦٨﴾

(٦٨) اهوئي آهي جو زنده ڪري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ جڏهن هو ان ڪي رڳو چوي ٿو تہ هيئن ٿيءُ تہ ائين ٿي پوي ٿو.

### رڪوع 8

### منڪرن ۽ مشرڪن جون حالتون.

أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِينَ يُجَادِلُونَ فِي آيَاتِ اللَّهِ ۗ
أَنَّىٰ يُصْرَفُونَ ﴿٦٩﴾

(٦٩) (اي پيغمبر!) تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو آهي ڇا جيڪي الله تعاليٰ جي نشانين ۽ حڪمن بابت جهڳڙا ڪن ٿا (۽ مڃڻ کان انڪار ٿا ڪن)

(ڏسو تہ سهي تہ) هو ڪاڏي جو ڪاڏي ڦري هليا تا وڃن (۽ حق ۽ حقيقت کي ڏسن ئي نٿا).

الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِالْكِتٰبِ وَبِمَآ اَرْسَلْنَا بِهٖ رُسُلَنَا ۛ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ۙ﴿۷۰﴾

(۷۰) يعني اهي ماڻهو جي هن ڪتاب (قرآن مجيد) کي ۽ انهن وحين کي جن سان اسان (اڳوڻن) پيغمبرن کي موڪليو، نٿا مڃين، سو جلد ئي هنن کي معلوم ٿيندو تہ.

اِذِ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ وَالسَّلٰسِلُ ۭ يُسْحَبُوْنَ ۙ﴿۷۱﴾

(۷۱) (ان جو نتيجو ڇا ٿو نڪري انهيءَ وقت معلوم ٿيندن) جڏهن سندن ڳچين ۾ ڳٽ پيئجي ويندا ۽ زنجيرن ۾ جڪڙيا ويندا (۽ اهڙيءَ حالت ۾ هنن کي) گهلي وڌو ويندو.

فِي الْحَمِيْمِ ڏ ثُمَّ فِي النَّارِ يُسْجَرُوْنَ ۚ﴿۷۲﴾

(۷۲) ٽهڪندڙ ڪني پاڻيءَ ۾ ۽ پوءِ ڪين باهہ ۾ ساڙيو ويندو (پر مرندا ڪونہ).

ثُمَّ قِيْلَ لَهُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ۙ﴿۷۳﴾

(۷۳) پوءِ ڪين چيو ويندو تہ ڪٿي آهن جن کي توهان خدا سان شريڪ ڪندا هئو؟

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا بَلْ لَّمْ نَكُنْ نَّدْعُوْا مِنْ قَبْلُ شَيْــــًٔا ۭ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۷۴﴾

(۷٤) يعني الله کي ڇڏي (ديوتائن کي مڃيندا هئو) هو جواب ۾ چوندا تہ هو اسان کي ڇڏي گم ٿي ويا آهن. بلڪ (هاڻي اسان سمجهون ٿا تہ) جن کي اسان پڪاريندا هئا سين سي ڪجهہ بہ نہ هئا. (وحي) نہ مڃيندڙن کي اهڙيءَ طرح الله تعالىٰ گمراهہ ڪري ٿو ڇڏي.

ذٰلِكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَفْرَحُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَمْرَحُوْنَ ۚ﴿۷۵﴾

(۷۵) (ڪين چيو ويندو تہ) هي (عذاب) هن ڪري مليو اٿو جو توهان زمين تي حق کي ڇڏي (ناحق تي) خوشيون ڪندا هئو ۽ پڻ هن ڪري جو توهان آڪڙ ۽ هٺ وڏائي ڪندا هئو.

اُدْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿۷٦﴾

(۷٦) (ڪين چيو ويندو تہ) هي (عذاب) هن ڪري مليو اٿو جو توهان زمين تي حق کي ڇڏي (ناحق تي) خوشيون ڪندا هئو ۽ پڻ هن ڪري جو توهان آڪڙ ۽ هٺ وڏائي ڪندا هئو.

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚ فَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ﴿۷۷﴾

(۷۷) سو (اي پيغمبر!) تون (مشڪلاتون ۽ مخالفتون) صبر سان سهہ ۽ (رسالت جي ڪم تي) ثابت قدم رهہ. يقين رک تہ الله جو واعدو سچو آهي (تہ مومن ڪامياب ٿيندا ۽ ڪافر مغلوب ٿيندا) سو جيڪو واعدو اسان هنن (ڪافرن) کي ڏنو آهي، ان مان ڪجهہ اسان توکي (تنهنجي حياتيءَ ۾ ئي) ڏيکاريون (۽ ڪين تباهہ ڪيون) يا (ان کان اڳي ئي) اسان توکي پاڻ ڏي آڻائي وٺون، هر حال ۾ هو (آخر) اسان ڏي ئي موٽايا ويندا (۽ ضرور تباهہ ڪيا ويندا).

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ مِنْهُمْ مَّنْ

(۷۸) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان توکان اڳي بہ پيغمبر (ماڻهن ڏي)

قَصَصْنَا عَلَيْكَ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ ؕ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ فَاِذَا جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ قُضِيَ بِالْحَقِّ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿۷۸﴾

موڪليا هئا، انهن مان ڪن جا قصا اسان توکي ٻڌايا آهن، پر انهن مان ڪي اهڙا به آهن جن جا قصا اسان توکي ڪونه ٻڌايا آهن. ۽ ڪنهن به رسول لاءِ ممڪن ناهي ته الله جي حڪم ڪان سواءِ ڪا نشاني (يا حڪم يا معجزو) آڻي. پوءِ جڏهن خدا جو حڪم اچي ويو تڏهن حق ۽ انصاف سان فيصلو ٿي ويو ۽ ڪوڙا ماڻهو (جيڪي باطل تي محڪم رهيا) سي اتي جو اتي تباهه ٿي ويا.

## رڪوع 9

**جنهن عذاب جي ڳالهه تي اهي ٺوڪون ڪندا هئا، اهوئي عذاب کين گهيرو ڪري وڪوڙي ويو.**

اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَنْعَامَ لِتَرْكَبُوْا مِنْهَا وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۷۹﴾

(۷۹) الله تعاليٰ اهو آهي جنهن توهان جي لاءِ چوپايا جانور بنايا، انهيءَ لاءِ ته توهان انهن مان ڪن تي سواري ڪيو. ۽ ڪن کي پنهنجي قوت گذران لاءِ ڪم ٿا آڻيو.

وَلَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَلِتَبْلُغُوْا عَلَيْهَا حَاجَةً فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَعَلَيْهَا وَعَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿۸۰﴾ؕ

(۸۰) ۽ توهان جي لاءِ انهن مان ٻيا به گهڻائي فائدا حاصل ٿين ٿا. (خدا انهن جانورن کي خلقيو آهي سو) هن لاءِ به ته توهان انهن تي سواري ڪري پنهنجي ڪا حاجت پوري ڪيو جا اوهان جي دلين ۾ هجي. ۽ انهن تي ۽ جهازن تي توهان (پري پري ٻين ملڪن ڏي) کڄي ٿا وڃو (يعني مسافريون ٿا ڪيو.)

وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ ۖ فَاَيَّ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُنْكِرُوْنَ ﴿۸۱﴾

(۸۱) ۽ الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاري ٿو (۽ مسافرين جي وسيلي اوهان کي گهڻين ئي ڳالهين جو علم ڏئي ٿو) پوءِ توهان الله تعاليٰ جي ڪهڙين ۽ ڪيترين نشانين کان انڪار ڪري سگهندو؟

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْهُمْ وَاَشَدَّ قُوَّةً وَّاٰثَارًا فِي الْاَرْضِ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۸۲﴾

(۸۲) ڇا هي ماڻهو زمين تي سير سفر نٿا ڪن ۽ نٿا ڏسن ته جيڪي ماڻهو ڪانئن اڳي ٿي گذريا تن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي؟ اهي ته تعداد ۾ به هنن کان گهڻا هئا ۽ قوت ۽ طاقت ۾ به گهڻو وڌيڪ هئا، ۽ ملڪ ۾ آثار ۽ نشانيون به وڌيڪ ڇڏي ويا. (پر هنن حق جي واٽ نه ورتي) سو هنن جيڪي ڪيو ڪمايو سو هنن کي ڪنهن به ڪم نه آيو.

فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرِحُوْا بِمَا عِنْدَهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۸۳﴾

(۸۳) جيئن ته جڏهن سندن رسول روشن دليلن ۽ نشانين سان وٽن آيا تڏهن وٽن جيڪو علم (۽ هنر) هو تنهن تي فخر ۽ ناز ڪرڻ لڳا (۽ رسولن کي چوڻ لڳا ته توهان اجايون ڳالهيون ٿا ڪيو) سو جنهن (عذاب جي) ڳالهه تي اهي ٺوڪون ڪندا هئا اهوئي عذاب کين گهيرو ڪري وڪوڙي ويو.

فَلَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗ وَ كَفَرْنَا بِمَا كُنَّا بِهٖ مُشْرِكِيْنَ ﴿۸۴﴾

(٨٤) پوءِ جڏهن هنن اسان جو عذاب (پنهنجي آڏو) ڏٺو تڏهن چوڻ لڳا ته اسان الله تي ايمان آندو آهي. هڪ الله ۾ ايمان ٿا رکون جن کي اسان ساڻس شريڪ ڪندا هئاسين تن کان (هاڻي) انڪار ٿا ڪريون.

فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا ؕ سُنَّتَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ فِيْ عِبَادِهٖ ۚ وَ خَسِرَ هُنَالِكَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۵﴾

(٨٥) پر جڏهن اسان جو عذاب اکين آڏو ڏٺائون تنهن کان پوءِ واري ايمان کين ڪجهه به فائدو ڪونه ڏنو (۽ هو تباهه ٿي ويا) اهو آهي الله جو طريقو جو سندس ٻانهن بابت هليو پئي آيو آهي. ۽ هتي (هن دنيا ۾ ئي) ڪافر تباهه ٿي ويا.

## سورة حم السجده مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رکوع 1

**قرآن مجيد جون خاصيتون. ڪافرن جو ضد ۽ انڪار پيغمبر جي بشريت.**

حٰمٓ ﴿۱﴾

(١) حا- ميم

تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿۲﴾

(٢) هي رحمان ۽ رحيم خدا وٽان نازل ٿيل (وحي) آهي.

كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۳﴾

(٣) اهوهڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن جون آيتون ۽ حڪم تفصيل سان (چٽيءَ طرح) سمجهايل آهن. اهو عربي قرآن آهي ۽ انهن ماڻهن لاءِ آهي جي علم ۽ سمجهه وارا آهن.

بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا ۚ فَاَعْرَضَ اَكْثَرُهُمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿۴﴾

(٤) (اهو قرآن صالح عمل ڪندڙ مومنن کي ڪاميابيءَ جي) خوشخبري ڏيندڙ ۽ (انڪار ۽ بدعمليءَ جي برن نتيجن کان) خبردار ڪندڙ آهي. تنهن هوندي به هنن مان گهڻا ماڻهو منهن ڦيرائي هليا ٿا وڃن سو هو ٻڌن ئي ڪين ٿا (ته قرآن جا حڪم ڪهڙا آهن ۽ ڪهڙا نه چڱا ۽ مفيد آهن.)

وَ قَالُوْا قُلُوْبُنَا فِيْۤ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَاۤ اِلَيْهِ وَ فِيْۤ اٰذَانِنَا وَقْرٌ وَّ مِنْۢ بَيْنِنَا وَ بَيْنِكَ حِجَابٌ فَاعْمَلْ اِنَّنَا عٰمِلُوْنَ ﴿۵﴾

(٥) ۽ اهي (ڪافر حضرت جن کي) چون ٿا ته، جنهن ڳالهه ڏي تون اسان کي سڏين ٿو تنهن کان اسان جون دليون پردن ۾ (لڪل ۽ محفوظ) پيل آهن، ۽ اسان جي ڪنن ۾ ڳوراڻ ۽ ٻوڙاڻ آهي ۽ اسان جي ۽ تنهنجي وچ ۾ پردو پيل آهي، سو تون (اسان کي قرآن مجيد نه ٻڌاءِ باقي جيڪي وڻيئي سو) ڪر ۽ ڪندو رهه. (اسان کي جيڪي وڻندو سو) اسان به ڪندا رهنداسين.

قُلْ اِنَّمَاۤ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰۤى اِلَيَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَاسْتَقِيْمُوْۤا اِلَيْهِ وَ اسْتَغْفِرُوْهُ ؕ وَ وَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِيْنَ ﴿۶﴾

(٦) (اي پيغمبر تون ماڻهن کي) ٻڌاءِ ته مان اوهان جهڙو انسان آهيان (نڪي خدا آهيان نڪي ملڪ آهن پر) مون ڏي هي وحي ٿو اچي ته، توهان جو خدا فقط هڪ خدا آهي (ٻيو ڪو به خدا ڪونهي) سو فقط انهيءَ (جي ٻانهپ) ۾ سچائيءَ سان محڪم ۽ ثابت قدم رهو ۽ ڪانئس بخشش

گهرو (يعني سندس ڏيکاريل نظام هيٺ اچي سندس حفاظت ۽ پناهہ ۾ رهو) ۽ (ياد رکو تہ) مشرڪن لاءِ تباهي آهي.

الَّذِيْنَ لَا يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ۝٧

(٧) جيڪي (مشرڪ) زڪوات ادا نٿا ڪن ۽ آخرت کي بہ نٿا مڃن (سي يقيناً تباهہ ٿيندا).

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ۝٨

(٨) (پر) جيڪي ماڻهو (قرآن مجيد تي) ايمان ٿا آڻين ۽ (ان جي حڪمن مطابق) صالح عمل ٿا ڪن تن جي لاءِ يقيناً دائمي اجر (۽ نعمتون) آهن.

رڪوع 2

**عجب آهي تہ ماڻهو انهيءَ الله جي قانونن ۽ حڪمن تي هلڻ کان انڪار ٿا ڪن، جنهن زمين آسمان کي خلقيو ۽ ڪين خلقيائين.**

قُلْ اَئِنَّكُمْ لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِيْ خَلَقَ الْاَرْضَ فِيْ يَوْمَيْنِ وَتَجْعَلُوْنَ لَهٗۤ اَنْدَادًا ؕ ذٰلِكَ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٩

(٩) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کان) پڇ تہ، ڇا توهان انهيءَ الله (جي حڪمن مڃڻ) کان انڪار ٿا ڪيو جنهن زمين کي ٻن ڏينهن ۾ خلقيو؟ ۽ توهان هن سان ٻيا شريڪ ٿا ٺهرايو (۽ انهن جي پوڄا ٿا ڪيو؟) ياد رکو تہ اهوئي سڀني جهانن جو پروردگار آهي (جنهن زمين ۽ آسمان پيدا ڪيو آهي).

وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ مِنْ فَوْقِهَا وَبٰرَكَ فِيْهَا وَقَدَّرَ فِيْهَاۤ اَقْوَاتَهَا فِيْۤ اَرْبَعَةِ اَيَّامٍ ؕ سَوَآءً لِّلسَّآئِلِيْنَ ۝١٠

(١٠) ۽ انهيءَ ئي ان (زمين) تي جبل ٺاهيا ۽ ان ۾ برڪتون وڌائين، ۽ ان ۾ سندن قوت (يعني سڀ گهرج واريون شيون سڀني نباتات ۽ حيوانات لاءِ) پوري انداز ۾ رکيائين جيئن ڏينهن ۾ (اهي برڪتون ۽ گهرج واريون شيون) سڀني گهرندڙن (يعني گهرج وارن) لاءِ هڪ جهڙيون يا برابري طور رکيائين.

ثُمَّ اسْتَوٰۤى اِلَى السَّمَآءِ وَهِيَ دُخَانٌ فَقَالَ لَهَا وَلِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا ؕ قَالَتَاۤ اَتَيْنَا طَآئِعِيْنَ ۝١١

(١١) پوءِ الله تعاليٰ آسمان ڏي متوجہ ٿيو ۽ اهو بلڪل دونهو هو. پوءِ ان (آسمان) کي ۽ زمين کي چيائين تہ خوشيءَ سان يا ناخوشيءَ سان اچو (يعني منهنجي قانونن جا پابند رهو) هنن چيو تہ اسان خوشيءَ سان اچون ٿا ۽ تابعداري ڪيون ٿا.

فَقَضٰىهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ فِيْ يَوْمَيْنِ وَاَوْحٰى فِيْ كُلِّ سَمَآءٍ اَمْرَهَا ؕ وَزَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ ۖۗ وَحِفْظًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ۝١٢

(١٢) پوءِ ٻن ڏينهن ۾ هنن کي ست آسمان ڪيائن ۽ هرهڪ آسمان کي پنهنجو پنهنجو ڪم يا فرض ادائي ٻڌائي ڇڏيائين، ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) ويجهي اسمان کي سج چنڊ تارن وغيره سان زينت ڏني ۽ پڻ حفاظت ۾ رکيو. اهو آهي (مناسب ۽ موزون) انداز (۾ ڪائنات جو ٺاهڻ ۽ قائم رکڻ) انهيءَ الله جو جيڪو سڀ قدرت رکندڙ ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي.

فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَقُلْ اَنْذَرْتُكُمْ صٰعِقَةً مِّثْلَ

(١٣) سو جيڪڏهن هي ماڻهو منهن ڦيرائي هليا وڃن (۽ خدا جي حڪمن تي هلڻ کان انڪار ڪن) تہ کيس چئو تہ، مان تہ توهان کي انهيءَ عاد ۽

صٰعِقَةِ عَادٍ وَّ ثَمُوْدَ ؕ﴿۱۳﴾

ثمود واري سزا ۾ عذاب جي خبر ڏيئي ڇڏي آهي، (جو بجلي ۾ گجگوڙ وانگر بيهوش ڪري ڇڏيندڙ آهي.)

اِذْ جَآءَتْهُمُ الرُّسُلُ مِنْۢ بَیْنِ اَیْدِیْهِمْ وَ مِنْ خَلْفِهِمْ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ قَالُوْا لَوْ شَآءَ رَبُّنَا لَاَنْزَلَ مَلٰٓىِٕكَةً فَاِنَّا بِمَاۤ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿۱۴﴾

(١٤) جڏهن هنن ڏي رسول اڳيان ۽ پٺيان آيا (۽ ڪين هدايت ڪيائون) ته الله کان سواءِ ڪنهن جي به ٻانهپ نه ڪيو تڏهن هنن چيو ته، (توهان ڪوڙا آهيو) جيڪڏهن اسان جو رب (اسان ڏي رسول موڪلڻ) چاهي ها ته ملائڪن کي نازل ڪري ها (نه اوهان کي) سو جيڪا ڳالهه توهان کڻي آيا آهيو (۽ جيڪي حڪم توهان اسان کي ٻڌايو ٿا) تن کي اسان هرگز ڪونه ٿا مڃون.

فَاَمَّا عَادٌ فَاسْتَكْبَرُوْا فِی الْاَرْضِ بِغَیْرِ الْحَقِّ وَ قَالُوْا مَنْ اَشَدُّ مِنَّا قُوَّةً ؕ اَوَ لَمْ یَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِیْ خَلَقَهُمْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُمْ قُوَّةً ؕ وَ كَانُوْا بِاٰیٰتِنَا یَجْحَدُوْنَ ﴿۱۵﴾

(١٥) سو (اي منڪرؤ ٻڌي ڇڏيو ته) عاد قوم جي ماڻهن ناحق ئي ناحق زمين تي تڪبر ڪيو ۽ چيائون ته ڪير آهي جو اسان کان طاقت ۾ وڌيڪ آهي؟ ڇا هنن ايترو به نه ڏٺو ۽ سمجهيو ته اهو الله جنهن ڪين خلقيو آهي سو يقيناً ڪانئن قوت ۾ طاقت ۾ وڌيڪ سخت آهي. (هنن دولت ۽ حڪومت جي نشي ۾ حقيقت کي نه سمجهيو) ۽ اسان جي آيتن ميڻ کان انڪار ڪندا رهيا.

فَاَرْسَلْنَا عَلَیْهِمْ رِیْحًا صَرْصَرًا فِیْۤ اَیَّامٍ نَّحِسَاتٍ لِّنُذِیْقَهُمْ عَذَابَ الْخِزْیِ فِی الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا ؕ وَ لَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَخْزٰی وَ هُمْ لَا یُنْصَرُوْنَ ﴿۱۶﴾

(١٦) سو اسان نياڳن مصيبتن وارن ڏينهن ۾ مٿن سخت انذاري موڪلي، انهيءَ لاءِ اسان ڪين هن دنيا جي زندگيءَ ۾ خوار خراب ڪندڙ عذاب جو مزو چکايون ۽ يقيناً آخرت جو عذاب وڌيڪ خوار خراب ڪندڙ آهي، ۽ هنن کي ڪابه مدد ڪانه ملندي.

وَ اَمَّا ثَمُوْدُ فَهَدَیْنٰهُمْ فَاسْتَحَبُّوا الْعَمٰی عَلَی الْهُدٰی فَاَخَذَتْهُمْ صٰعِقَةُ الْعَذَابِ الْهُوْنِ بِمَا كَانُوْا یَكْسِبُوْنَ ۚ﴿۱۷﴾

(١٧) ۽ (هاڻي) ٻڌو ثمود جي قوم جو احوال. اسان هنن کي هدايت ڪئي، پر هنن هدايت کان انڌائي کي وڌيڪ پسند ڪيو. سو هنن کي ذليل ڪندڙ وڄ ۽ گجگوڙ جهڙي عذاب اچي پڪڙ ڪئي هن ڪري جو هو بدعمل ڪندا رهيا.

وَ نَجَّیْنَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا یَتَّقُوْنَ ۠﴿۱۸﴾

(١٨) ۽ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري اختيار ڪئي تن کي اسان (ان عذاب کان) بچائي ورتو.

### رڪوع 3

**قيامت ڏينهن بد ڪمن لاءِ استعمال ڪيل ماڻهو جا سڀ عضوا شاهدي ڏيندا.**

وَ یَوْمَ یُحْشَرُ اَعْدَآءُ اللّٰهِ اِلَی النَّارِ فَهُمْ یُوْزَعُوْنَ ﴿۱۹﴾

(١٩) ۽ جنهن ڏينهن خدا جي دشمنن کي باهه ڏي وٺي وڃڻ لاءِ گڏ ڪيو ويندو تڏهن (گڏ ڪرڻ بعد) ڪين صفن ۾ (ڪري دوزخ ڏانهن) ڪاهيو ويندو.

حَتّٰۤی اِذَا مَا جَآءُوْهَا شَهِدَ عَلَیْهِمْ سَمْعُهُمْ وَ اَبْصَارُهُمْ وَ جُلُوْدُهُمْ بِمَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ ﴿۲۰﴾

(٢٠) تان جو جڏهن ان وٽ پهچندا تڏهن سندن ڪن، اکيون ۽ چمڙيون (بلڪ سڀ عضوا) سندن خلاف شاهدي ڏيندا ته ڪهڙا ڪهڙا (بد) عمل هنن ڪيا هئا.

وَقَالُوْا لِجُلُوْدِهِمْ لِمَ شَهِدْتُّمْ عَلَيْنَا ؕ
قَالُوْٓا اَنْطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ وَّ
هُوَ خَلَقَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ اهي (دوزخي) پنهنجي چمڙين کي چوندا تہ توهان ڇو اسان جي خلاف شاهدي ڏني آهي؟ هو چونديون تہ اسان کي انهيءَ الله ڳالهائڻ جي طاقت ڏني آهي، جنهن سيني شين کي ڳالهائڻ جي طاقت ڏني آهي. ۽ هن اوهان کي پهرئين پيري پيدا ڪيو ۽ (وري جيئاري) ڏانهس موٽايا ويا آهيو.

وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَتِرُوْنَ اَنْ يَّشْهَدَ عَلَيْكُمْ
سَمْعُكُمْ وَلَآ اَبْصَارُكُمْ وَلَا جُلُوْدُكُمْ وَلٰكِنْ
ظَنَنْتُمْ اَنَّ اللّٰهَ لَا يَعْلَمُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) (چمڙيون وڏيڪ کين هيئن بہ چونديون تہ) توهان تہ پاڻ کي لڪائڻ جو خيال ئي ڪونہ ڪندا هئو (يعني اسان کان پنهنجا گناهہ ڪونہ لڪائيندا هئو. توهان کي اهو انديشو هئو ئي ڪونہ تہ) متان اوهان جا ڪن. اکيون ۽ چمڙيون اوهان جي خلاف شاهدي ڏين، پر اٽلندو توهان پائيندا هئو تہ الله تعاليٰ توهان جي گهڻن ئي عملن کان ناواقف آهي.

وَذٰلِكُمْ ظَنُّكُمُ الَّذِيْ ظَنَنْتُمْ بِرَبِّكُمْ
اَرْدٰىكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) پر اهو اوهان جو خيال جيڪو پنهنجي پروردگار بابت رکندا هئو تنهن ئي توهان کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. سو هاڻي توهان وڏي تباهيءَ هيٺ اچڻ وارا ٿي پيا آهيو.

فَاِنْ يَّصْبِرُوْا فَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ۚ وَاِنْ
يَّسْتَعْتِبُوْا فَمَا هُمْ مِّنَ الْمُعْتَبِيْنَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) سو جيڪڏهن هو صبر ڪن تہ بہ سندن ٺڪاڻو دوزخ آهي، (پر جيڪڏهن صبر نہ ڪن تہ بہ سندن ٺڪاڻو دوزخ آهي) ۽ جيڪڏهن هو معافي ۽ رحم جي درخواست ڪندا تہ اها قبول نہ پوندي.

وَقَيَّضْنَا لَهُمْ قُرَنَآءَ فَزَيَّنُوْا لَهُمْ مَّا بَيْنَ
اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ
فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَ
الْاِنْسِ ۚ اِنَّهُمْ كَانُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ ع

(٢٥) ۽ (دنيا واريءَ زندگيءَ ۾) اسان هنن سان (برا ۽ بدڪار) سنگتي لڳائي ڇڏيا هئا. سو انهن (سندن عملن) کي جيڪي سندن اڳيان هئا (يعني هاڻي ڪيائون پئي) ۽ جيڪي سندن پٺيان هئا (يعني اڳي ڪري چڪا هئا) تن سيني کي سهڻو ڪري پئي پيش ڪيو (يعني کين چيائون پئي تہ اهي چڱا ۽ فائدي وارا عمل آهن) ۽ جيڪو قول (يا واعدو) انهن جنن ۽ انسانن کي ڏنو ويو هو جي ڪائن اڳي ٿي گذريا هئا سو سندن حق ۾ بہ سچو نڪتو جو هو يقيناً برباد ٿي ويا.

### رڪوع 4

**ڪافرن جي روش ۽ ان جا نتيجا. مومنن جي روش ۽ ان جا نتيجا.**

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَسْمَعُوْا لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ
وَالْغَوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُوْنَ ﴿٢٦﴾

(٢٦) ۽ ڪافر چون ٿا تہ هي قرآن نہ ٻڌو، ۽ (جڏهن مومن قرآن پڙهي ٻڌائين تڏهن) شور مچايو (سيٽيون ۽ تاڙيون وڄايو تہ ڪوبہ قرآن مجيد ٻڌي نہ سگهي) انهيءَ لاءِ تہ توهان غالب پئجي وڃو (۽ مومن اسلام پکيڙڻ ۽ طاقت وٺڻ ۾ ناڪامياب رهن).

فَلَنُذِيْقَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّ
لَنَجْزِيَنَّهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) پر (هو هرگز غالب نہ پوندا) اسان ڪافرن کي يقيناً سخت عذاب جو مزو چکائينداسين ۽ جيڪي (بد) عمل هو ڪن ٿا تن جو کين پورو پورو بدلو ڏينداسين.

ذٰلِكَ جَزَآءُ اَعۡدَآءِ اللّٰهِ النَّارُ ۚ لَهُمۡ فِيۡهَا دَارُ الۡخُلۡدِ ؕ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا بِاٰيٰتِنَا يَجۡحَدُوۡنَ ﴿۲۸﴾

(۲۸) الله جي دشمنن لاءِ سزا هيءَ آهي. ڪهڙي؟ باهه. ان باهه ۾ ئي هنن جو دائمي گهر آهي. اها سزا هن ڪري آهي جو هو اسان جي نشانين ۽ حڪمن کي نه مڃيندا هئا.

وَ قَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا رَبَّنَاۤ اَرِنَا الَّذَيۡنِ اَضَلّٰنَا مِنَ الۡجِنِّ وَ الۡاِنۡسِ نَجۡعَلۡهُمَا تَحۡتَ اَقۡدَامِنَا لِيَكُوۡنَا مِنَ الۡاَسۡفَلِيۡنَ ﴿۲۹﴾

(۲۹) ۽ جن ماڻهن (دنيا ۾) ڪفر جي وات ورتي هئي سو (جڏهن عذاب ۾ پوندا تڏهن) چوندا ته اي اسان جا پروردگار جنن ۽ ماڻهن مان جن اسان کي گمراهه ڪيو سي اسان کي ڏيکار ته اسان هنن کي پنهنجي پيرن هيٺان رکون (۽ لتاڙيون) انهيءَ لاءِ ته هو سڀني کان وڌيڪ ذليل ۽ خوار خراب ٿين.

اِنَّ الَّذِيۡنَ قَالُوۡا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسۡتَقَامُوۡا تَتَنَزَّلُ عَلَيۡهِمُ الۡمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوۡا وَ لَا تَحۡزَنُوۡا وَ اَبۡشِرُوۡا بِالۡجَنَّةِ الَّتِىۡ كُنۡتُمۡ تُوۡعَدُوۡنَ ﴿۳۰﴾

(۳۰) پر جيڪي ماڻهو ايمان تا رکن ته اسان جو پروردگار فقط الله آهي ۽ پڻ (حق تي ۽ نيڪ عملن تي) محڪم ۽ ثابت قدم رهن ٿا تن تي يقيناً فرشتا نازل ٿين ٿا (۽ ڪين چون ٿا) ته نڪي ڊڄو، نڪي ڪو غم ڪيو (خدا ۾ پورو پورو ڀروسو رکو ته هو اوهان کي ڪامياب ڪندو) ۽ انهيءَ جنت جي خوشخبري وٺو جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنل آهي.

نَحۡنُ اَوۡلِيٰٓـؤُكُمۡ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَفِى الۡاٰخِرَةِ ۚ وَلَكُمۡ فِيۡهَا مَا تَشۡتَهِىۡۤ اَنۡفُسُكُمۡ وَلَكُمۡ فِيۡهَا مَا تَدَّعُوۡنَ ؕ ﴿۳۱﴾

(۳۱) اسان (فرشتا) دنيا جي هن زندگيءَ ۾ توڙي آخرت ۾ اوهان جا يار ۽ مددگار آهيون. ۽ توهان کي ان ۾ اهو سڀ ڪجهه ملندو جيڪو توهان جون دليون چاهينديون ۽ ان ۾ اهو سڀ ڪجهه اوهان جي لاءِ ميسر ٿي ويندو جنهن لاءِ توهان طلب ڪندو.

نُزُلًا مِّنۡ غَفُوۡرٍ رَّحِيۡمٍ ﴿۳۲﴾ ع

(۳۲) اها مهماني آهي (مومنن لاءِ) جا ڪين غفور ۽ رحيم خدا وٽان نصيب ٿيندي.

## رڪوع 5

## نيڪي ۽ بدي

وَمَنۡ اَحۡسَنُ قَوۡلًا مِّمَّنۡ دَعَاۤ اِلَى اللّٰهِ وَعَمِلَ صَالِحًا وَّقَالَ اِنَّنِىۡ مِنَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ ﴿۳۳﴾

(۳۳) ۽ گفتار ۾ انهيءَ شخص کان ڪير بهتر ٿي سگهي ٿو جيڪو الله ڏي (۽ سڏيءَ وات ڏي) سڏي ٿو، ۽ نيڪ ڪم ٿو ڪري ۽ اعلان ٿو ڪري ته يقيناً مان (پاڻ) فرمانبردارن مان آهيان (۽ الله جي حڪمن جي پوري پوري پيروي ڪندڙ آهيان).

وَلَا تَسۡتَوِى الۡحَسَنَةُ وَلَا السَّيِّئَةُ ؕ اِدۡفَعۡ بِالَّتِىۡ هِىَ اَحۡسَنُ فَاِذَا الَّذِىۡ بَيۡنَكَ وَبَيۡنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِىٌّ حَمِيۡمٌ ﴿۳۴﴾

(۳٤) ۽ (ياد رکو ته) نيڪي ۽ بدي هرگز برابر ناهن. (سو اي پيغمبر!) تون (بدي ۽ برائيءَ کي) انهيءَ طريقي سان دفع ڪر جو بهترين طريقو هجي. پوءِ نتيجو هي ٿيندو جو جنهن (بري) شخص ۽ تنهنجي وچ ۾ ٻي اتفاقي يا دشمني هئي سو اهڙو ته ٿي پوندو جو ڄڻ ته هو گهرو ۽ گهاٽو دوست آهي.

وَمَا يُلَقّٰهَاۤ اِلَّا الَّذِيۡنَ صَبَرُوۡا ۚ وَمَا يُلَقّٰهَاۤ

(۳۵) اها (اعليٰ درجي جي) نيڪي (يعني دشمن سان به احسان ڪرڻ جي

اِلَّا ذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ﴿۳۵﴾

رغبت) فقط انهن کي نصيب ٿي سگهي ٿي جيڪي صبر ڪن ٿا ۽ پاڻ تي ضابطو ٿا رکن، ۽ فقط انهن کي نصيب ٿي سگهي ٿي جيڪي تمام وڏي بخت وارا آهن.

وَ اِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۳۶﴾

(٣٦) ۽ (ياد رکو ته) جيڪڏهن ڪڏهن به شيطان توکي ٻي انتفاقيءَ لاءِ ڀڙڪائي ته پوءِ خدا کان پناهه گهر (۽ سندس حڪم ياد ڪري پاڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪر) بيشڪ هو سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

وَ مِنْ اٰيٰتِهِ الَّيْلُ وَ النَّهَارُ وَ الشَّمْسُ وَ الْقَمَرُ ؕ لَا تَسْجُدُوْا لِلشَّمْسِ وَ لَا لِلْقَمَرِ وَ اسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿۳۷﴾

(٣٧) ۽ رات ۽ ڏينهن، ۽ سج ۽ چنڊ سندس نشانين مان ڪي نشانيون آهن. سو سج ۽ چنڊ کي سجدو نه ڪيو پر انهيءَ الله کي سجدو ڪيو جنهن انهن کي خلقيو آهي. جيڪڏهن توهان فقط الله جي ٻانهپ ڪرڻ ٿا چاهيو. (نٿا چاهيو ته ٻي جان شين يا پاڻ جهڙن ماڻهن جي ڳيان نوڙي پاڻ کي ذليل ۽ خوار ڪيو).

فَاِنِ اسْتَكْبَرُوْا فَالَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ يُسَبِّحُوْنَ لَهٗ بِالَّيْلِ وَ النَّهَارِ وَ هُمْ لَا يَسْئَمُوْنَ ﴿۳۸﴾ السجدة

(٣٨) پر جيڪڏهن (اهي ڪافر) تڪبر ڪن (۽ حق جي راهه تي نه اچن ته خدا کي ڪهڙي پرواهه آهي) جو ته جيڪي (فرشتا) تنهنجي پروردگار وٽ آهن سي رات ڏينهن سندس حمد ۽ ثنا ڪندا ٿا رهن (۽ سندس حڪمن جي پوري پوري پيروي ڪرڻ ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪندا ٿا رهن) ۽ اهي ڪڏهن به ڍرائي يا سستي نٿا ڪن ۽ ٿڪجن نٿا.

وَ مِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنَّكَ تَرَى الْاَرْضَ خَاشِعَةً فَاِذَاۤ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَ رَبَتْ ؕ اِنَّ الَّذِيْۤ اَحْيَاهَا لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ؕ اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۳۹﴾

(٣٩) ۽ سندس نشانين مان هڪ هيءَ آهي جو تون زمين کي ويران ڏسين ٿو. پوءِ جڏهن ان جي مٿان مينهن وسايون ٿا تڏهن اها (گاهن پوکن ۽ اوپڙن سان) لڏڻ لمڻ لڳي ٿي ۽ گل ڦل وڌائي ٿي. جنهن الله (اهڙيءَ طرح) انکي زنده ڪري ڇڏيو سو يقيناً (قيامت جي ڏينهن) مئلن کي جيئرو ڪري ٿو سگهي. يقيناً هو هر چيز تي قادر آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْۤ اٰيٰتِنَا لَا يَخْفَوْنَ عَلَيْنَا ؕ اَفَمَنْ يُّلْقٰى فِي النَّارِ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ يَّاْتِيْۤ اٰمِنًا يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِعْمَلُوْا مَا شِئْتُمْ ۙ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۴۰﴾

(٤٠) اهي ماڻهو جيڪي اسان جي آيتن ۽ حڪمن بابت غلط فهمي پيدا ڪن ٿا سي ماڻهو اسان کان ڳجها ڪونه آهن، پوءِ جنهن کي باهه ۾ اڇلايو ويندو سو بهتر آهي يا اهو جو قيامت جي ڏينهن امن امان سان سلامت هليو ايندو؟ (اي ڪافرو!) جيڪي وڻيو سو ڪيو يقيناً هو اهو سڀ ڪجهه ڏسي ٿو جيڪي توهان ڪيو ٿا (۽يقيناً هو اوهان کي ناڪام ۽ مغلوب ڪندو).

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالذِّكْرِ لَمَّا جَآءَهُمْ ۚ وَ اِنَّهٗ لَكِتٰبٌ عَزِيْزٌ ﴿۴۱﴾

(٤١) جن ماڻهن (خدائي) وحي ۽ پيغام کي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي جڏهن اهو وٽن اچي ويو آهي (سي ماڻهو خدا کان ڳجها ڪونه آهن). ۽ يقيناً اهو (وحي يعني قرآن) وڏي طاقت ۽ اثر وارو ڪتاب آهي.

لَّا يَأْتِيهِ الْبَاطِلُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَلَا مِنْ خَلْفِهِ ۖ تَنْزِيلٌ مِّنْ حَكِيمٍ حَمِيدٍ ﴿٤٢﴾

(٤٢) ڪا بہ باطل (يعني ڪوڙي يا غلط) ڳالھ اڳئين طرف کان يا پٺئين طرف کان ان جي ويجھو اچي نٿي سگھي. اهو ڪتاب انهيءَ الله وٽان نازل ٿيو آهي جو وڏي حڪمت وارو آهي ۽ سيني اعليٰ صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي.

مَا يُقَالُ لَكَ إِلَّا مَا قَدْ قِيلَ لِلرُّسُلِ مِنْ قَبْلِكَ ۚ إِنَّ رَبَّكَ لَذُو مَغْفِرَةٍ وَّذُو عِقَابٍ أَلِيمٍ ﴿٤٣﴾

(٤٣) (اي پيغمبر!) توکي (وحي جي وسيلي) اهوئي ٻڌايو وڃي ٿو جو توکان اڳين رسولن کي ٻڌايو ويو هو. يقيناً تنهنجو پروردگار (مومنن لاءِ) بخشش جو مالڪ ۽ (ڪافرن لاءِ) سخت سزا جو مالڪ آهي. (يعني سچن مومنن جون خطائون معاف ڪندڙ آهي ۽ منڪرن کي سخت سزا ڏيندڙ آهي.)

وَلَوْ جَعَلْنَاهُ قُرْآنًا أَعْجَمِيًّا لَّقَالُوا لَوْلَا فُصِّلَتْ آيَاتُهُ ۖ ءَأَعْجَمِيٌّ وَّعَرَبِيٌّ ۗ قُلْ هُوَ لِلَّذِينَ آمَنُوا هُدًى وَّشِفَاءٌ ۖ وَالَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ فِي آذَانِهِمْ وَقْرٌ وَّهُوَ عَلَيْهِمْ عَمًى ۚ أُولَٰئِكَ يُنَادَوْنَ مِنْ مَّكَانٍ بَعِيدٍ ﴿٤٤﴾

(٤٤) جيڪڏهن اسان (عربي زبان ۾ نہ پر) ڪنهن ٻي عجمي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد موڪليون ها تہ هي ماڻهو چون ها تہ ان جون آيتون ۽ حڪم تفصيل سان ڇٽيءَ طرح ڇو نہ سمجهايل آهن. ڇا (قرآن) عجمي ٻوليءَ ۾ ۽ (رسول) عربي؟ (تنهن ڪري قرآن مجيد عربي ۾ نازل ڪيو ويو) (اي پيغمبر!) تون (ماڻهن کي) کولي ٻڌاءِ تہ اهو قرآن مومنن لاءِ واٽ ڏيکاريندڙ آهي ۽ (روحاني يعني دل ۽ دماغ جي بيمارين لاءِ) شفا آهي. پر جيڪي ايمان نٿا آڻين تن جي ڪنن ۾ ڳوراڻ ۽ ٻوڙاڻ آهي ۽ هي ڪتاب انهن جي لاءِ نابينائي آهي (يعني قرآن تي غور ڪندڙ روشنيءَ ۾ اچي ٿا وڃن ۽ قران جي مخالفت ڪندڙ عقل جا انڌا ٿي ٿا پون). (اهي اهڙا تہ ٻوڙا ٿي ٿا پون جو ڄڻ تہ) هنن کي ڪنهن تمام دوريءَ واري جاءِ تان سڏيو ٿو وڃي (سو هو بلڪل ڪونہ ٿا ٻڌن).

رڪوع 6

**الله تعاليٰ نہ رڳو ماڻهن جا عمل ڄاڻي ٿو پر دلين جا خيال بہ ڄاڻي ٿو.**

وَلَقَدْ آتَيْنَا مُوسَى الْكِتَابَ فَاخْتُلِفَ فِيهِ ۗ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۚ وَإِنَّهُمْ لَفِي شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيبٍ ﴿٤٥﴾

(٤٥) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان حضرت موسيٰ کي ڪتاب ڏنو، پر پوءِ ان بابت اختلاف ڪيا ويا (۽ فرقا ٺاهيا ويا) جيڪڏهن تنهنجي پروردگار وٽان اڳ ئي حڪم صادر ٿيل نہ هجي ها تہ هنن جي وچ ۾ فيصلو ڏنو وڃي ها، ۽ يقيناً اهي (يهودي تورات جي پيشنگوئي ۽ قرآن مجيد بابت) شڪ ۾ پيل ۽ منجهيل ۽ پريشان آهن.

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهِ ۖ وَمَنْ أَسَاءَ فَعَلَيْهَا ۗ وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيدِ ﴿٤٦﴾

(٤٦) جيڪو شخص نيڪ عمل ٿو ڪري سو پاڻ کي ئي فائدو ٿو ڏئي. پر جيڪو برا ڪم ٿو ڪري سو پنهنجي برائيءَ جو نتيجو پاڻ ئي ٿو لوڙي ۽ (ياد رک تہ) تنهنجو پروردگار پنهنجي ٻانهن سان بي انصافي ڪرڻ وارو ناهي.